عشق عبادت

سلیم بچاٹی

امرتا
پبلیکیشنز

عشق عبادت

(شاعري)

خدا کي عرش هيٺ خزانا آهن، جن جون ڪنجيون شاعرن جون زبانون آهن.
(حديث شريف)

لکيل آهين نصيبن ۾، تہ ڳولهي نيٺ لهندوسانءِ،
ملڻ ناهي مقدر ۾، تہ پوءِ تو سان گلا ناهي.
(سليم بچاڻي)

عشقِ عبادت

(شاعري)

سليم بچاٹي

امرتا پبلیکشنز حیدرآباد
2005ع

عشق عبادت (شاعري)

شاعر: سليم بچاڻي

چاپو: پهريون ، جولاءِ 2005ع

ٽائيٽل ڊزائن: موهن لال مکواڻا، انٽيل ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڪيليگرافي: هرجي

ڪمپوزنگ: وزير علي لغاري

انٽيل ڪميونيڪيشنز

چپائيندڙ: ڊول فقير فائونڊيشن / امرتا پبليڪيشنز، حيدرآباد.

چپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.

فون: 721172

قيمت: 100.00 روپيا

ISHQ IBADAT (Poetry)

Poet: .	**SALEEM BACHANI**
Edition:	First-July 2005
Title Design:	Mohan Lal Makwana Intel Communications Hyderabad
Calligraphy:	Harji
Composed by:	Wazir Ali Leghari Intel communications Hyd.
Published by:	Dhol Faqir Foundation / Amerta Publications Hyderabad
Printed by:	Intel Communications Hyderabad. Tel: 721172

ارپنا

هر
ان ماڻهوءَ
جي نالي
جنهن
محبت ڪئي آهي!

ترتيب

- جيئن مون ڏٺو محبوب کي — سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي
- مينهن ڪٽين جهڙو ماٺهو سليم بچاڻي — فقير محمد ڍول
- عشق ٿيو امام — سليم بچاڻي

- حمد و دُعا
- غزل
- ڪافيون
- نظم
- چؤسٽا

مهاڳ

جيئن مون ڏٺو محبوب کي

شاعري بلاشبہ قدرتي ڏات آهي ۽ اهو آئون اڪثر بيشتر چوندو ۽ لکندو رهيو آهيان. انهي ڪري تہ جيڪڏهن شاعري تعليم ۽ ڏگرين جي محتاج هجي ها تہ پوءِ سڀئي ڊاڪٽر، وڪيل، سياستدان، دانشور ۽ گهڻ پڙهيا ماڻهو شاعر هجن ها!

پر ائين ناهي. اسان جيڪڏهن ماضي ۾ جهاتي پائينداسين تہ اسان کي ڪيترائي ان پڙهيل شاعر بہ ملندا، جن جو شمار سڻن شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

سليم ڇچاٽي شاعري جي شروعات ويهہ پنجويهہ سال اڳ ڪئي، پاڻ پڙهيل لکيل بہ آهي تہ مطالعو ۽ مشاهدو بہ اٿس. سليم جي شاعر ٿيڻ ۾ ڪو رڳو منهنجو ڪمال ڪونهي، ڪيس قدرت ڏات ۽ ڏاڻو سان نوازيو آهي، ڪليل ذهن وارو عقلمند انسان آهي، منهنجو ساٿس سڪ سنگت ۽ صحبت جو سڳو ٽيهارو سالن کان ڳڻيو پيو اچي. تنهنڪري مٿس منهنجي شاعري جي ٿوري گهڻي اثر هجڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ انهي ۾ ڪو بہ عيب ڪونهي.

سليم ڇچاٽي کي گهڻ پاسائين شخصيت چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي، ڇو

ته پاڻ شاعر به آهي، سياست به ڪري ٿو موسيقي جي ڄاڻ هجڻ سان گڏ سنڌ جي ثقافت کان به بخوبي واقف آهي. وڏي ڳالهه ته سماجي ڪمن ۾ تمام گهڻو ڀهرو وٺڻ ڪري ڪيس سڃي تز ۾ سماجي شخصيت طور سڃاتو ۽ سڏيو وڃي ٿو. نالي واري اديب فضل احمد بچاڻي مرحوم جي وڏي پاڻ نور احمد بچاڻي صاحب جي فرزند هجڻ ناتي چئي سگهجي ٿو ته ادب ڪيس ورثي ۾ به ملیو آهي. پاڻ طبيعتن سادو سڀاجهو، اڇو اُجرو، صاف ستُرو سهڻو سيبتو نازڪ ۽ نفيس شخص آهي، انهي ڪري ئي سندس يارن دوستن جو حلقو وسيع آهي، تندي الهيار شهر توڙي اوسي پاسي ۾ ڪيس عزت جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. راڄن ڪاڄن، شادين مرادين ۽ سماجي توڙي ثقافتي تقريبن ۾ ڪيس وڏو مانُ ملي ٿو. ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ خوش طبع/ڪل مڪ هجڻ ڪري ننڍو وڏو ساڻس پيار ٿو ڪري.

سليم بچاڻي جيئن ته سونهن تان صدقو ٿيڻ وارو عاشق مزاج شاعر آهي، تنهنڪري سندس شاعري ۾ به سهڻن جي سلامي، حسن حاڪم جي غلامي، وڇوڙي جي ورلاپن، ڏکن ۽ ڏوراپن جو ذڪر مڙئي سرس ملندو. سليم صاحب جو ڪلام جيتوڻيڪ ڪو گهڻو ڪونهي، ليڪن جيترو به آهي، پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ سٺڻ لائق آهي. سندس ٻولي به بنهن سولي، سادي، ننڍي وڏي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل کي ست سمجهه ۾ اچڻ واري آهي. هن ڪتاب ۾ ڇپيل سليم جي شاعري، حمد، نعت، ڪافي، غزل، نظم ۽ چوستن/قطعن تي مشتمل آهي. سندس شاعري ۾ موسيقيت ۽ ردم هجڻ ڪري اها آساني سان ڳائي سگهجي ٿي، هوءَ به شاعري آهي ئي اُها جيڪا ڳائي سگهجي. سليم جڏهن ڪان هوش سنڀاليو آهي، تڏهن کان وٺي هوش ۾ ئي رهيو آهي، جوش کان پاسو ڪيو اٿس، ڪاوڙ ڪهٽ ايندي اٿس درگذر ڪندڙ ۽ دوستي جو ناتو نيائيندڙ ماڻهو آهي، ڏينهن ۾ به وڳا ڪپڙن جا بدلائيندڙ، صبح جو بوٽ ته شام جو پشوري سنڀال پائيندڙ، هر ڇهين مهيني چشمي جو فريم تبديل ڪندڙ سليم بچاڻي پنهنجا دوست بلڪل نه بدلايا آهن، مرڪي ته هر هڪ سان ملي ٿو ليڪن دوست اهي آهن جيڪي دل تي آهن. اهي شاعرانا خوبيون آهن جيڪي شاعرن ۾ ئي هونديون آهن، قبلہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب سان نيازمند ناچيز جي 1955ع

کان آخري وقت تائين نيازمندي قائم رهي. ان سڄي عرصي ۾ مون کيس ڪنهن تي ڏمرجندي نہ ڏٺو ڪنهن لاءِ اڻ وٽندڙ اکر زبان مان نہ ڪڍيائون. ۽ ڪڏهن ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪيائون. تڏهن ته اسان پارا انيڪ انسان اڄ به کين ياد ڪريو لڙڪ لاڙين ۽ هنجهون هارين تا. سليم بچاڻي صاحب هڪ پيري مون سان گڏ هالا ۾ مخدوم صاحب جي محفل ۾ شرڪت جو شرف حاصل ڪيو هو سندن قرب ڪچهري، نفاست ۽ نزاڪت، وضع قطع هلڪي مسڪراهٽ نرم و نازڪ لهجي ۽ ادبانا انداز بيان کان ايڏو متاثر ٿيو جو اُها رتيءَ جي رهاڻ اڄ تائين وساري نہ سگهيو آهي. ته ڀالهہ پي ڪئيسون اسان جي پياري ۽ دل واري شاعر سليم بچاڻي جي شاعري جي، پاڻ هڪ غزل ۾ پنهنجي بي وسي ۽ محبوب جي بي رخي جو ذڪر هن نموني سان ٿو ڪري.

موت تي ڪهڙي ميار زندگيءَ ماري وڌو.
بره واري بيقراري بي خودیءَ ماري وڌو.

پل رهو تنهائي ۾ مون کان خفا منهنجا صنم
بزم ۾ ٿئي ڪيئن گوارا، بي رخيءَ ماري وڌو.

فرط محبت ۾ ڪئي دل يار سان شڪوه گلا
پر جڏهن احساس ٿيو شرمندگيءَ ماري وڌو.

دل چوي ٿي اُفق تي آزاد ٿي اڏري وڃان
ٽِس اسير زلف زندان بيوسيءَ ماري وڌو.

سادگيءَ ۾ عمر پئي گذري سچائي سان "سليم"
دل فريبي دوست دنيا دورنگيءَ ماري وڌو.

جيئن ته شاعري عشق کان سوا نہ ٿيندي آهي ۽ وري جڏهن عشق جي آزارن ۾ پريت جي پُر خطر پيچرن تي هلندي عاشق فراقن ۾ ڦٽبو آهي تڏهن چئي ڏيندو آهي ته:

تو بن منهنجي حيات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري
تن من ڏن سپ توتان واريم،
موهٽي مورت من ۾ وهاريم
پوءِ به طلب ۾ تات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري.

سليم بچاڻي جي شاعريءَ کي قديم ۽ جديد شاعري جو سنگم/ميلاپ چئي سگهجي ٿو. پاڻ جتي غزل ۾ محبوب جي حسن جي ساراه جا ڍڪ ٿو پري، اتي وري ڪافي ۾ هجر و فراق جي هاڃن، سورن، صدمن ۽ سختين جون دانهون به ڪري ٿو. سدا مرڪ منهن تي سجائي هلندڙ ۽ ملندڙ سليم جي اندر ۾ ڪنهن ليئو پاتو آهي ته ڇا پيو وهي واپري؟ اها ته ڪيس خبر آهي، اڄ ڪلهه نوجوان شاعرن جو گهٽو لاڙو غزل طرف آهي، اسان جي پراڻي صنف ڪافي بنهن گهٽ پئي لکجي بلڪ نوان شاعر ته ڪافي لکن ئي ڪونه تا. مخدوم طالب المولیٰ ۽ عبدالڪريم پلي کان پوءِ ڪي چند شاعر ڪافيون لکي رهيا آهن، جن ۾ تاجل بيوس ۽ مير عبدالرسول مير ڪافي جا سڀا شاعر آهن، ڪافي جي نه لکڻ جو وڏو سبب اهو به آهي ته اڄ جي نوجوان شاعرن کي ڪافي جي بحر بيهڪ، گس ۽ گهاڙيٽي جي خبر ئي ڪانهي، هونءَ به ڪافي لکڻ ڏکي آهي، تنهنڪري هرڪو غزل تي طبع آزمائي يا زور آزمائي ڪري رهيو آهي. اسان جي نئين نسل جو نامور نثر نويس، قابل ڪمپيئر، برڪ برادِ ڪاسٽر ۽ خوبصورت شاعر نصير مرزا ته مون کي ڪافي گو شاعر ئي سڏيندو آهي ۽ شايد اهو صحيح به هجي، ڇو جو منهنجي ڪل ڪلام ۾ ڪافين جو تعداد ٻين صنفن کان زياده آهي، پر پوءِ به نصير مرزا جي زبان مان نڪتل اهي املهه اکر پنهنجي لاءِ هڪ سنڊ/ سرٽيفڪيٽ سمجهان ٿو.

خوشي جي ڳالهه آهي ته اسان جي سهٽي سليم ڪافيون به لکيون آهن ۽ سُڻيون لکيون آهن، سليم بچاڻي خاندااني پسمنظر توڙي موجوده

وقت، پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. پاڻ اقتدار وارآ ڏوڙ ۾ ڏٺا اٿس ته اعليٰ عهدا ۽ مانائتا منصب ماڻيندڙ مائٽن ۽ دوستن سان بنهه ويجهو ۽ رهيو آهي، پر پوءِ ۾ سليم ۾ ڪو تڪبر يا اجائي آڪڙ ڪڏهن ۾ محسوس نه ٿي آهي. پاڻ جهڙيءَ طرح ڪنهن وڏي آفيسر يا سيٺ ۽ وڏيري سان ملي ٿو بلڪل اِهڙي ئي نموني هُو عام ماڻهوءَ سان ۾ ملي ٿو. اها وڏي ڳالهه آهي جيڪا ٿورن ماڻهن ۾ هوندي آهي. جيئن ته شاعري اندر جي اڌمن ۽ جذبن جي اظهار جو نهايت ئي موثر ۽ خوبصورت ذريعو آهي، سو پڪ ئي پڪ اسان جي پياري شاعر سليم بچاڻي جي اندر ۾ ۾ هڪ حساس شاعر موجود آهي جيڪو ڪيس شاعري ڪرڻ لاءِ اتساهي ۽ آماده ڪري ٿو. ها ايترو ضرور چئبو ته اهو اندر جو شاعر شيرين زبان، ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وقت لاءِ سليم صاحب جي ذاتي مصروفيتن جي سبب هڪ ڪنڊ ۾ ماڻڻي ڪري سُمهي پوندو آهي ۽ شاعري وقتي طور بيهي ويندي آهي، پوءِ وري جڏهن سليم صاحب انهن اڻاهه مصروفيتن مان فراغت حاصل ڪندو آهي ته سندس اندر جو شاعر ۾ اڪيون مهٽي اٽندو آهي ۽ شاعري سرجڻ ۾ لڳندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي سليم بچاڻي جي شاعري جي تعداد ۾ ٿورائي جو نه ته سندس ڪلام هزارن ۾ هجي ها. پر پوءِ ۾ ڪيس سهڻو ۽ سڻو سرجڻهار چوڻ ۾ نه مبالغو آهي نه ئي خوشامد ۔ سليم بچاڻي صاحب کي سندس شعري مجموعي ڇپائڻ لاءِ آئون ورهين کان چوندو ۽ زور پريندو رهيس پر پاڻ هميشه ڇپائيندا سون! چئي ڳالهه تاري ۽ واري ڇڏيندو هو. شڪر آهي جو گذريل مهيني پاڻ ئي چيائين ته هاڻي ڪتاب ڇپائڻ جو پڪو پهه ڪيو اٿم. ڇپائي ڏيو. رڳو چوڻ جي دير هئي غلام حسين سومري نوٽ بڪن تان ڪلام اتارڻ شروع ڪيو ۽ مون پنهنجي بلڪ الائجي ته ڪيترن جي ڏول، فقير محمد ڏول جون خدمتون حاصل ڪيون ۽ اڄ هي ڪتاب "عشق عبادت" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

سليم صاحب شاعري ۾ مونکي پنهنجو استاد چوي ٿو! اهو سندس حُسن نظر ۽ قدرداني آهي، نه ته آئون ته پاڻکي ان لائق قطعي ڪونه ٿو سمجهان. تنڊي الهيار جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ زرخيز زمين تي جنم

ونندڙ ڪافين جي بادشاه شاعر سائين مصري شاه، شاه عنايت رضوي، حضرت قائم الدين قريشي، وتايو فقير، محمد زمان شاه سائين ڳهوٽ، راهب فقين موج دريا شاه، ميون اشرف، فضل احمد بچاڻي، گل محمد آزاد صوفي، مولوي نور محمد نظاماڻي، گل محمد شاه رضوي، مولانا عبدالحق رباني، مولوي عبدالڪريم لغاري، ڊول فقير، الماس سنڌو عبدالحميد منتظر، مولودي محمد رحيم مگٽهار ۽ حاجي صادق ميمڻ جهڙن بزرگن، درويشن، عالمن، اڪابرن، اديبن، شاعرن ۽ سدابهار شخصيتن جي معطر مهڪ سان هتي جا جهنگ جهر، واهڙ وستيون، گس گهٽيون ۽ وڻ ٽڻ اڄ بہ واسيل آهن، تہ اهڙي صدوري سر زمين تي سليم بچاڻي جهڙي سدا ملوڪ شخص ۽ پلوڙ شاعر جو پيدا ٿيڻ ڪا تعجب خيز ڳالهہ ڪانهي، اهو سلسلو هلندو اچي ۽ هلندو رهندو.

خوش خلق، خوش مزاج ۽ خوش لباس سليم بچاڻي جهڙن محبوب ماڻهن لاءِ مخدوم طالب المولىٰ صاحب جون هي سٽون لکندي مونکي خوشي محسوس ٿي ٿئي تہ:

منهنجو تہ وار وار ٿو دم دم دعا ڪري
ڪوسو لڳي نہ واءُ، سڃڻ کي خدا ڪري.

مونکي وڏي اميد آهي تہ سليم بچاڻي جو هي شعري مجموعو ادب دوستن، فنڪارن، دل وارن ۽ باذوق ماڻهن ۾ وڏي ميجتا ۽ مقبوليت ماڻيندو.

دعاگو آهيان تہ سليم بچاڻي صاحب آئنده بہ شاعري جون سُندر سٽون سرجيندو رهي.

شاد ۽ آباد هجي. سدائين مرڪندو ۽ مهڪندو رهي.

سيد مرتضيٰ ڈاڈاهي
ٽنڈوالهيار سنڌ

17 اپريل 2005ع

مينهن ڪٽين جهڙو ماڻهو ـ سليم بچاڻي

پهرين پهرين ته، مون کان اِهو پُڌي ويو:

ته وڻي جو واءُ، مينهوڳيءَ جي مُنڊَ ۾ مينهن ڪٽيون، منهنجي ڪمزوري آهن، ۽ ڪمزوري ته منهنجي اُهي منا ماڻهو ۽ آهن، جيڪي طبيعتن ٺڏا، شگفته، شائسته، صاف شفاف، سچاَ ۽ اَڇا اُجرا آهن!

اندر جا ۽، ته باهر جا ۽!

۽ هي جنهن ماڻهوءَ جو قصو اڄ، اوهان سان آئون ڪرڻ ويٺو آهيان، سو ۽ بنهه هُوبَهُو اهڙين ئي خوبين جي ڪاڻ آهي.

۽ اهڙن ماڻهن سان جند جو جُڙڻ ۽ جيءَ جو اڙڻ، منهنجي لاءِ فطري ۽ اڻ تر آهي.

۽ بلا شڪ اهڙا مڙئي ماڻهو منهنجا محبوب آهن ۽ آئون سندن عاشق!

۽ عزيزو!

هڪڙن ماڻهن ۾، هڪڙي اهڙي خوشبو ۽ خوبي ٽيندي آهي. جنهن ۾ جيڪا ڇڪ ۽ سڪ ٿئي ٿي، تنهن جو مٽ يا مثال ڪُجهه ۽ ناهي منهنجي نظر ۾.

۽ اڄوڪي دنيا ۾ اهڙا ماڻهو انيڪ ڪو نه ٿين، پر اڻ لکا ۽ اڻ لڀ آهن، اتي ۾ لوڙ وانگر.

۽ اي منهنجا دوستؤ!

جي اوهان کي جيون ۾ ڪي اهڙا ماڻهو ملي وڃن ۽ اوهان جا سنگتي يا ساٿي ٿي وڃن، ته يقين ڄاڻو اوهين دنيا جا خوشنصيب ماڻهو آهيو.

بلڪ خوشنصيب ترين!

۽ ڪيڏو نه خوشنصيب آهيان آئون، جو ڪي اهڙا ماڻهو منهنجي

حصي ۾ به آيا آهن.

۽ هيءَ اسان جو پيارو سليم بچاڻي! جنهن جو ذڪر و اذڪار آئون هت، ڪٽي ويٺو آهيان اوهان سان، سو به انهن ئي ماڻهن مان هڪ آهي.

پر، سنگتي منهنجو هُو آهي!

يا مان هُنَ جو سنگتي آهيان!

يا اسان جي وچ ۾، جيڪو رشتو ۽ تعلق جُڙي آيو آهي، تنهن بابت واسطيداري جي پهرئين ڏينهن کان اڄ تائين، الڪ ڇو آئون Confuse آهيان، ته اسين ٻئي هڪٻئي جا ٿيون ڇا؟

توڙي جو آئون اقراري به آهيان ته اهڙا ماڻهو، منهنجا محبوب آهن ۽ آئون آهيان سندن عاشق!

پر هن معاملي ۾، هِن دوستيءَ بابت ۽ هِنَ رشتي بابت، آئون وري وري Confuseٿيو ٿو وڃان ۽ ڪو به فيصلو ڪرڻ جي قوت نٿو پائڻيان پاڻ ۾.

آلائي ڇو؟ (العجب)

مُنجهي پوڻ جو اصل سبب پائيان ٿو ته، هي آهي :

ته دوستي هُن جي مُنهنجي 'بابا سائين' (ڊول فقير) سان به هُئي ۽ دوست پنهنجو هُو مون کي به سمجهي ٿو.

۽ عزيزانِ گرامي!

ياد آيم ته، هُو پاڻ ئي ڪنهن ڪچهري ۾ پُڌائي رهيو هو ماڻهن سان پنهنجي دوستين متعلق.

دوستيون به ڪهڙيون؟

اهڙيون ئي، نسل در نسل — پيڙهي به پيڙهي.

هُو پُڌائي رهيو هو پهراڻي جي ڪنهن پُيڙتي Old Man قصو گو وانگر:

"ته منهنجي دوستي هُئي 'ڊول فقير' سان به، ته سندس پُٽ به دوست اٿم".

"مريد علي شاهه منهنجو دوست آهي ته سندس والد بزرگوار سيد قادر شاهه به منهنجو دوست هيو. ائين ئي مير جمن به دوست، ته سندس پٽ مير شاهه علي به دوست اٿم. يار محمد لغاري به دوست هو ته سندس پٽ عزيزالرحمان لغاري به دوست اٿم. هيڏانهن وري هي اسان جو جاويد مرتضيٰ ڏاڏاهي به دوست

اٿم تہ سندس والد سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي بہ اصل پڳ مٽ يار اٿم. اَڇا ڍول فقير سان تہ اصل روح جون رهاڻيون هُيون. ساڻس ٻنيءَ واري باغ تي تہ ڪچهريون ٿينديون هُيون پر گَسين، پنڌين گڏبا هُئاسين تہ بہ رستي جي پاسي کان پهرن جا پهر بيٺا هوندا هئاسين ۽ پيئي هلندي هُئي ڪچهري قُرب واري."

هُو ڳالهائي رهيو هو مسلسل ۽ ٻُڌڻ وارن ۾ شامل هيا مون سان، مرتضيٰ ڏاڏاهي صاحب ۽ ماستر غلام حسين سومرو صاحب بہ!

" ۽ گڏبا هُئاسين گهڻو ڪري اسان، مون واري اوطاق آڏو ڇاڪاڻ جو شهر ڏي وڃڻ لاءِ هڪڙو عام لنگهُہ اِهو ئي هُيو ۽ ڍول فقير سدائين اتان ئي لانگهائو ٿيندو هُيو. پاڻ ڳالهہ پئي ڪئيسين دوستين جي، سو تازو ئي ڪنهن ماڻهوءَ مون کي چيو تہ: سليم صاحب! تون پهريون ماڻهو آهين، جيڪو پنهنجن دوستن جي اولاد جو بہ دوست آهي ۽ پشت در پشت هلائي رهيو آهين هڪڙو سلسلو دوستين جو."

۽ هتي، آئون عرض ڪري ڇڏيان تہ، يقيناً اوهين سڀ ڄاڻو ٿا تہ، دوستين جو نڀاءُ ۽ نياءُ ڪيڏو ڏکيو آهي.

۽ ياد رکو دوستو!

دوستيءَ جو ڀرم رکڻ لاءِ، ڀُرڻو بہ پوندو آهي، تہ جهُرڻو بہ.

۽ اسان جو هيءُ جيڪو سليم بچاڻي آهي، سو بہ ٻاهران، تہ ڏاڍو هشاش بشاش ۽ خوش و خُرم ٿو نظر اچي، پر آئون ڀانئيان تہ، اندران صفا ڀُريو بہ پيو آهي تہ، جهُريو بہ.

سبب سندس ڀُرڻ جو ۽ جهُرڻ جو آهي:

" ڀَرمُ "

وفائن جي عيوض، جفائون ڪري ويا،
رکي دل ۾ ڪينو دغائون ڪري ويا،
ڀڄي ڀور ٿي پيا، ڀرم ڪهڙا ڪهڙا. (سليم)

۽ اهو ڀڄي ڀور ٿي پيل 'ڀرم' هيو ڇا جو؟

دوستيءَ جو!

۽ ڪير پيار پورين، 'پَرمُ' دوستيءَ جو؟!

"دوستا" جن لاءِ سليم پنهنجي شعر ۾ اجهو هينئن پيو اظهار ڪري:

ڳٽيان دوستن جا، ستم ڪهڙا ڪهڙا؟
مليا مُرڪي مون سان، صنم ڪهڙا ڪهڙا؟ (سليم)

۽ جڏهن نه، "پَرمَ" پَڄي، پُري پوندا آهن ته پوءِ، انسان جي اندر ۾ ايتري ته پيچ ڀاهه ٿيندي آهي، جو انهي مان پاڻ سنياڻي نڪري اچڻ، ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي.

انهي پوراٽي ۽ جهوراٽي، بخشي ڇڏيون، ڪيس بيماريون Sugar ۽ Blood Pressure جون جوانيءَ ۾ ئي.

۽ Sugar Patient هُجڻ جي باوجود، هُو پڙهي ٿو پنج ئي وقت نماز ۽ تهجد گذار به آهي، پر خواهش رکي ٿو اهڙي نماز پڙهڻ جي، جهڙي پڙهي وئي 'ڪربلا' ۾.

دوستي ڪڏهن ڪڏهن، ڪٿي ڪٿي ۽ ڪنهن جاءِ تي عشق جو اُهڃاڻ به ٿي پوندي آهي ۽ عشق 'بُلا شاهه' به آهي ته 'پٽ شاهه' به آهي ۽ عشق اصل کان، ازل کان بي پرواهه بادشاهه آهي، ڪنهن جي ڪاڻ ئي ڪو نَ ڪيڏي ۽ اهڙي ئي بي پرواهي ڏٺي آهي مون، پنهنجي هِنَ سليم بچاڻي ۾، جو هُو به، ڪو نه ڪيڏي ڪنهن جي ڪاڻ!

مون کي ته، هُو 'سراپا عشق' لڳندو آهي، هر Look کان!

جي سندس زندگيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جو اُوچو رُتبو آهي، ته اُهو آهي عشق جو!، اعليٰ ۽ امامي!

عشق وٽس، عبادت جو درجو رکي ٿو ۽ سندس امامت به ڪري ٿو ۽ اهو عشق جو ئي اثر آهي متس، جو هُن پنهنجي هِن پيار جي پهرئين پورهئي (مجموعي) جو نالو:

'عشق عبادت' رکڻ قبوليو!

۽ ٻُڌي ونو:

ته عشق، جڏهن عبادت جي رُتبي کي رسندو آهي ته، سندس اُڏامَ،

متانهين ۽ پرانهين هوندي آهي.

۽ عشق جي اهڙي اُڌامَ، اسان کي سليم جي هِن مجموعي جي شاعري ۾ ب، ملي ٿي. جا (شاعري) هُن عشقَ جون چاڑهيون چڙهندي لکي / ڪئي آهي . گڏوگڏ هُو عشقَ ۽ اُنَ جي اُڌامَ بابت، ڪا ب ۽ ڪنهن ب قسم جي دعويٰ نہ ٿو ڪري:

نہ دعويٰ ڪئيسين، نہ دعويٰ ڪريون ٿا،
مگر حال سارو نپايو ويون پيا. (سليم)

سليم جي شاعريءَ ۾، رواني ۽ ردم ته، اَوَس آهي ئي، پر خيالن ۾ تخيل ب آهي ۽ سندس شاعريءَ جو ڪئنواس ب، عشق جيڏو ئي وسيع ۽ سهج (آسان) آهي. سهج ان ڪري ٿو چوان، جو جيئن عشق پاڻهي بنا ڪنهن "ڏوڙ ڏڪ" جي ئي، ويندو آهي ۽ جڏهن پنهنجي اوج تي هوندو آهي ته، وڏي آسانيءَ ۽ بيخوديءَ جي ڪيفيتن ۾، ويندو آهي درياهه، سمونڊ، باهيون، بيابان، جهنگ، جبل جهاڳيندو ۽ ڪيچ ڪاهيندو پنهنجي پُنهل ڏي.

۽ موجود آهي سليم جي شاعريءَ ۾ ب، هڪڙو هوت پُنهل!

پاڻ ئي ڄاڻين، پاڻ ئي سمجهين، مالڪ، پاڻ ئي پنهنجا پار
ڪو نہ ڪو ڄاڻي، ڪو نہ ڪو سمجهي، تنهنجي مامَ سندا اسرار.
(سليم)

سليم جي شاعري جي گسن ۽ پنڌ، پيچرن تي هلندي، مون هڪڙي شيءَ ڪثرت سان سندس شاعري ۾ محسوس ڪئي آهي ته، هُو پنهنجي پُنهونءَ کان گهُرجائو آهي.

ڇا جو؟

پاندَ پناهَ جو — عزت آبرو جو — بخشش جو —، ۽ اجهو هيئڻ پيو گهُري، هُو پنهنجي مالڪ کان اهو سڀ ڪجهه:

منهنجي منَ جا مالڪ، اُها زندگي ڏي،
سنياڻي سگهان بس اُهو غم خوشي ڏي.

مڙئي معاف ڪج تون، ڪامل ڪچايون،
لکين عيبَ مون ۾، بيحد بُرايون.

*

گناهگار آهيان، خطاڪار آهيان،
پرين پاڪ رب! مان سياهڪار آهيان،
حسنات ۾ لکجان، ميٽي مدايون.
(سليم)

مان ڀانئيان ته، هت سليم وٽ من اندران جيڪو عجز ۽ جيڪا عاجزي اُڀري آئي آهي، سا بي خوديءَ مان نڪتي آهي ۽ اوج تي آهي بلڪِ اوج جي انتها تي!

اچو ته ڏسون سليم جو هڪ ٻيو شعر جنهن ۾ عاجزي ۽ انڪساري ته، آهي ئي، پر موجود آهي انهي شعر منجهه، هڪڙي تلقين، رهبري ۽ رهنمائي!

ڇا جي؟

رب جي رضا تي راضي رهڻ جي:

جنهن حال ۾ رکي ربُ، راضي رهو سليم!
ناهن ڪبيون بي نياز سان، شڪوه شڪايتون!!
(سليم)

۽ ڪيڏي نه عجيب زندگي گذاري آهي، اسان جي هن پياري سليمَ! جيڪا عمر جي هر دؤر ۾ وٽس پُردرد رهي آهي، توڙي جو هُو ٻاهران لَکا پوڻ ئي نٿو ڏئي، اهو سندس حوصلو آهي، پر پوءِ به ڪا ڪا ڏسڻ واري اک ڏسيو ٿي وٺي، جنهن جون ٻه شاهديون هتي ڏيئي سگهجن ٿيون.

هڪَڙي: سندس شاعريءَ ۾ موجود هي شعر:

موت تي ڪهڙي ميار زندگيءَ ماري وڌو!
برهه واري بيقراري، بيخوديءَ ماري وڌو!! (سليم)

ٻي: سندس واتان اڪثر و بيشتر ٻُڌل هي شعر:

ڪهڻي ڪو تو زندگي مختصر هي ليڪن،
بسر ڪرڻي لگي تو خدا ياد آ گيا.

ڀ خدا کي پنهنجو گواهه ڪندي آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ، مون جڏهن به ڪائنس اهو شعر ٻڌو تہ، منهنجو هينئون نپوڙبو ٿي ويو ۽ اندر مان بلند ٿي ٽِي صدا:

"يا منهنجا مؤليٰ!"

ڀ زندگي هونئن تہ، هر ماڻهوءَ جي مختلف آهي، پر اها زندگي مِني به آهي، تہ سُڻي به لڳي ٿي سيڻي کي.

ڀ وري ڪڏهن ڪڏهن اُها ساڳي زندگي سيڻي ماڻهن لاءِ ڪڙي به آهي، تہ ڏکي ۽ پلا زندگي، اسان جي هن سليم جي ڪيئن آهي؟

چاڻڻ چاهيندؤ؟

تہ ٻڌو سندس ئي هي شعر:

نہ خوشي ڪا ميسر، نہ ڪو ملال آهي،
عجيب زندگي آهي! نہ خواب و خيال آهي.

*

طلب ناهي وصل جي ڪا، نہ ڪي هجر و فراقن جي،
نہ ڪي ڪو ڪرب ٿو چاهيان، نہ ڪي قرار ٿو چاهيان!

پنهنجي زندگيءَ جي ڪا ياد هُو هيئن به اظهاري رهيو هو:

" توڙي جو اسين پنهنجي پيءُ کي پيارا هُئاسين، پر مونکي ياد ڪونهي تہ بابا ڪڏهن اسان کي ڪچ تي ڪنيو هُجي ڀ نہ ئي مون ڪڏهن کين ڪلندي ڏٺو ڀ سڀ کان وڏي ڀ حيران ٿيڻ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ابي ڀ امڙ کي گڏ ويٺل به ڪو نہ ڏٺو. پوءِ يا تہ اهو اولاد آڏو احترام هيو، يا وري سندن مزاج ۾ زندگي گهارڻ جو شايد Style ئي اِهو هُيو."

ڀ ماءُ سان محبت جو اظهار تہ، هُو اسان سان ڪو نہ ٿو ڪري، پر پيءَ سان سندس پيار جو عالم اهو آهي جو وٽس، سندس ويهڻ واري اعليٰ

۽ عاليشان ڪمري ۾ ڪاٽ جي اُها آرامَ واري ڪُرسي ايڏا سوڻي موجود آهي، جنهن تي سندن والد بزرگوار ويهندو هُيو.

ڳالهه نڪتي آهي سيلم جي ڪمري جي، جيڪو منهنجي لاءِ هڪڙو Model ڪمرو آهي ۽ Role Model تہ منهنجي لاءِ سليم به آهي، جنهن جي زندگيءَ گهارڻ جا طور طريقا، هلت چلت، ڳالهه ٻولهه، اٺڻ ويهڻ، رهڻي ڪهڻي، اُٽي ويٺي، پسند نا پسند، سڀ ئي مون کي پسند آهن ۽ اهڙيون ساڳيون ڳالهيون ۽ ڳڻ محسوس ڪيا آهن مون، پنهنجي نصير مرزا ۾ ٻہ:

۽ چاهنا اٿم هنن جيئن زندگي گذارڻ جي.

۽ ٻُڌوا جن ماڻهن سان دل پيار ڪرڻ چاهي ٿي تن ۾ انهن ۾ن ماڻهن جو شمار تہ اَوَسَ آهي ئي، بنا ڪنهن شڪ شبهي ۽ مبالغي جي.

"۽ انهن ۾نهي ماڻهن مٿان پنهنجو سڀ ڪُجهه، گهڙيءَ ۾ گهوري سگهجي ٿو." اهو دل جو آواز آهي، جيڪو بي ڏڙڪ ٻاهر نڪري آيو آهي.

۽ اها دل ئي آهي جنهن چاهيو ٿي گهٽي عرصي کان سليم تي لکڻ، پر ڪو نہ پئي لکي سگهيس، سندس گهڻ رُخي شخصيت جي ڪري. ڪيئن آهي هُو گهڻ رُخي شخصيت؟

اچو تہ ٻُڌايانوَ:

سليم: هڪ سماج سُڌارڪ
سليم: هڪڙو سياسي ماڻهو
سليم: هڪڙو دل گهُريو دوست
سليم: هڪڙو اَهلِ دل ۽ عاشق
سليم: هڪڙو سچو صوفي
سليم: هڪڙو محبتي ماڻهو ۽ سهڻو انسان
سليم: هڪڙو شاعر
سليم ۽ سليم جا سُورَ

۽ آئون قاسي پيو هُيس انهن مڙني موضوعن جي ڪُن ۾، ڪيئي ڏينهن چاهيو هُيم انهي ڪُن مان ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪُجهه نہ ڪُجهه لکڻ.

گهُري هُيم دُعا!

"منهنجا مؤليٰ مدد فرما!"

۽ مدد ٿئي ٿي، اُپري ٿو ڏهن ۾، مٿين مڙني موضوعن جو Mother Subject.
"سليم – آهي چا ؟"
جنهن تي ويهي، مون هي رندا روڙيا آهن.
سليم هڪڙو اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جي زندگيءَ مان جي دوست ۽ دوستيون minus ڪجن ته، جواب ايندو، تنهائي!
جڏهن ماڻهوءَ جو جيون ٻين شين کان وانجهجي ويندو آهي، تڏهن اها تنهائي ئي رهجي ويندي آهي ماڻهوءَ جي من ۾ – جيون ۾! ۽ پوءِ هڪڙي حساس، ۽ نرم و نازڪ ماڻهوءَ وٽ رهجي ويندين آهن: رونق پرين رنگين راتين، ڏينهن ۽ يارن، پيارن جون سارون سنيارون:

راتيون تنها، ڏينهن ڏنگن،
هاءِ ڪنهن سان، حال ڪجن.

خيال هئا يا عذاب هئا،
ڪهڙا ڪهڙا خواب هئا،
نند ۾ ويڻي رَتُ رُنن.

❊

تنها ڏينهن ٿو سارو گذاريان،
راتيون روئي، توکي سنياريان.

❊

ريءَ پسڻ پرپات اڏوري،
تو بن منهنجي حيات اڏوري،
ڏينهن اڏورو رات اڏوري.

❊

پل رهو تنهائي ۾ مون کان خفا منهنجا صنم،
بزم ۾ ٿئي ڪيئن گوارا، بي رخيءَ ماري وڏو.
(سليم)

ايڏيون تنهايون هوندي بہ سليم وٽ مايوسي ناهي ۽ هو وڏي همت

۽ حوصلي سان تنهائيءَ کي ڪَٽي رهيو آهي، بلڪِ هاڻ تہ، آئون ڀانئيان تنهائي سندس زندگيءَ جو حصو آهي ۽ بلاشڪ تہ اِها بلا کيس، بئنسري تي وڄندڙ ڪنهن لوڪ ڌُن جهڙي مٺي ٿي لڳي، جو هاڻ هن وٽ اها تنهائي ڪو ٻيو روپ ڌاري چڪي آهي ۽ هُن انهي تنهائيءَ کي اردوءَ جي هن شعر جي روپ ۾ پسڻ شروع ڪيو آهي:

يہ تيري يادون ڪا تسلسل، يہ خيالون ڪا هجوم،
چهين لي تم ني مجهہ سي، تنهائي ميري.

هن پنهنجي تنهائيءَ کي تہ، محبوب جي يادن جي تسلسل ۽ خيالن جي هجوم ۾ وڃائي ڇڏيو آهي پر زندگيءَ ۾ اڪيلائي جي احساس ۽ ڪنهن پياري جي نہ هجڻ جو بہ کيس ڪو فڪر ناهي جنهن مان هو مونکي هڪ قناعت پسند ماڻهو بہ لڳي ٿو جنهن جي گواهي ڀري رهيو آهي سندس واتان ٻڌل هي شعر:

چاند ملتا نهين، سب ڪو سنسار مين
اِڪ ديا هي بهت، روشني ڪي لئي ،

پر سوچيان پيو زندگيءَ جي اونداهين ۾، روشنيءَ جي لاءِ وٽس چنڊ تہ ٺهيو ڏيئو بہ ناهي ۽ پوءِ بہ هو بي فڪر ۽ بي پرواهہ آهي جيڪو اهڃاڻ بڻجي پيو سندس حوصلي منديءَ جو.

۽ ڀانئيان تہ، اهو حوصلو ئي دراصل سندس چنڊ بہ آهي تہ ڏيئو بہ، جنهن جي روشنيءَ ۾ هُو روان دوان آهي، هن سفر مسلسل ۾.

سچ تہ، سندس شاعريءَ جا ڳائڻ جهڙا ٻہ ڳڻ هي بہ آهن، هڪڙو تہ سندس ڪي شعر مزاحمت، ولولي، جوش، جذبي سان ڀريل آهن ۽ انهن شعرن ۾ محسوس ٿئي ٿو سنڌ جي هڪ وڏي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جو لهجو اسلوب ۽ انداز! اجهو هن طرح:

هيڻن کي جن ٿي هيسايو هئا ارڏا ۽ اڙٻنگ جي،
اُهي ظالم، اُهي جابر، اُهي مردار ڪيڏانهن ويا.

عنايت شاهہ صوفيءَ سان، فريبين ڪيو ڪيڏو دوکو
اُهي مردود مُنهن ڪارا، مُلا مڪار ڪيڏانهن ويا.

وهائي جن ڇڏيون ويرون، هئو موٽڻ متن مهٽو
اُهي ڪونڊرويا ڪُسجي، اُهي ڪنڊار ڪيڏانهن ويا.

ننگن جون جن جهلي سامون، لُٽيرن کي ٽي للڪاريو
دولهہ دودا، جنگي جوڌا، اڙين آڌار ڪيڏانهن ويا.

(سليم)

ڳائڻ جهڙو ٻيو ڳڻ آهي سندس شاعري ۾ خوبصورت منظر نگاري ۽ تصوير ڪشي، جنهن جي جيتري واکاڻ ڪجي سا گهٽ آهي.

تِک تيز نديءَ جي ڌارا، برفاني پوش نظارا،
پٽرن تان برفون پُرڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ.

هڪ حسن جمال هزاري، ٻيو نان نفاست ساري،
ٽيون هرڻي چال هلڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ.

ڪيا پگهر پسائي آلا، گُلَ خُوب گلابي لالا،
چُپ بُولي جيئن ڇهڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ.

سيلم اهلِ دل ٻه آهي، اهلِ نظر ٻه آهي، ته اهلِ ظرف ٻه آهي ۽ اهو سڀ ڪُجهہ سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي ۽ هن جي شاعري وڌي ويجهي آهي روحاني عشق جي امامت ۾، ۽ تصوف جي سرواٽي ۾.

منزل ته هڪ ئي آهي، راهون الڳ الڳ ٽيون،
گهايل ته سڀ اکين جا، نگاهون الڳ الڳ ٽيون.

ڪو رام ٿو اُچاري، رحمان ڪو پڪاري،
آهي هڪو ئي هڪ، پر صدائون الڳ الڳ ٽيون.

*

نہ مندر، نہ مسجد، نہ گرجا ٽڪاڻون،
تسبيح مصلي مان، هرگز نہ ڄاڻون،
اسان محبتين لاءِ، مذهب مونجهارو.

(سليم)

۽ هن جون وکُون وڌي رهيون آهن اڳتي ئي اڳتي، شاعريءَ جي پُردرد پيچري تي، ۽ هُوَ وڃي ٿو وڻ ٽڻ پوکيندو لفظن جا / شعرن جا ۽ پنهنجن تجربن جا، شاعريءَ جي پيچري تي. شاعريءَ جو هي پيچرو کيس ڪيڏانهن نيندو ۽ انهيءَ پنڌ جو انت ڪٿي ٿيندو تنهن جي کيس ڪا خبر بہ ناهي ۽ پرواهہ بہ ناهي ۽ عشق جي انهي سفر ۾، اندر ئي اندر هُو جهُونگاريندو ٿو وڃي شاهہ جي ڪافي:

"آئون ڪُهہُ ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو"

ٽنڊوڄام
29.05.2005

فقير محمد ڍول

عشق ٿيو امام

رب سائين جا بي انت احسان آهن. جنهن مون جهڙي ناچيز کي اها ذات ۽ گڻ عطا ڪيو ۽ اهو احساس ۽ ڪيفيات وديئت ڪئي، جو اڄ هي ڪتاب "عشق عبادت" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

مون پنهنجي طرفان تمام گهڻي ڪوشش ۽ محنت ڪئي آهي پر نتيجو ته توهان ئي ڏيڻ سگهو ٿا. هن معمولي احساسن کي جيترو به ٿي سگهيو آهي. مون محبت جي مالها ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هاڻ هن راءِ جا ته توهان ئي مالڪ آهيو ۽ توهان ئي ڪا راءِ قائم ڪري منهنجي پورهيئي کي پرکي سگهو ٿا.

چون ٿا ته شاعري پيغمبرانا ذات آهي. آئون پاڻ ته نه ٿو چئي سگهان ته هي ڪهڙو علم آهي. جيڪو انسان کي حيرت جي صحرا ۾ گم ڪريو ڇڏي. دنيا جي هر منظر کي عشق ۽ گمان ۾ ويڙهيو ڇڏي، شاعري ٿي به ويندي آهي ۽ ڪئين به ويندي آهي. مون شاعري ڪئي آهي. ان ۾ منهنجو رهبر ۽ اُستاد سائين مرتضيٰ ڏاڏهي آهي جنهنجي صحبت ۽ محبت مونکي نثر کان نظم ڏانهن ڇڪيو. هونئن ته نثر ۾ منهنجو چاچا سائين فضل احمد بچاڻي رهبر ۽ اُستاد رهيو.

هن ڪتاب کي شايع ڪرڻ لاءِ به سال پهرين سائين مرتضيٰ ڏاڏاهي مونکي چوندو رهيو. پر منهنجي ڪاهلي ۽ سستي اجازت ئي نه ڏئي جو هن ڪتاب کي شايع ڪرايان پر لک کيرون لهڻي غلام حسين سومرو جنهن هن ڪتاب کي سهيڑڻ ۽ شاعري فيئر ڪرڻ ۾ نه رڳو منهنجو ساٿ ڏنو پر منهنجي طبيعت ۽ مزاج کي سمجهندي منهجو ٻانهن ٻيلي ٿي هن ڪتاب کي فيئر ڪري مڪمل ڪيو. پاڻ سرڪاري ملازم هوندي ڪنهن ڏينهن به ناغو نه ڪيائين ۽ هر لمحي مونکي همت ڏياريائين آئون سندس نهايت ٿورائتو آهيان. جڏهن شاعري فيئر ڪري

مڪمل ڪئي سين تہ پوءِ سڄي ٻيڙي کي پنهنجي سر تي فقير محمد ڏول ڪنيو. هن مائيٽي ۽ سنجيده انسان بخدا ايڏو تہ ڪم ڪيو جو آئون اهو لفظن ۾ بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. تدوين ڪرڻ، پروف آڻڻ، انهن کي چيڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ هڪ هڪ لفظ کي پروڙڻ، ڪتاب جو ٽائيٽل ڇپائي مطلب تہ هر قسم جي جاکوڙ ڪيائين. آئون هن شخص جي ڪاوشن کي ڪڏهن بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهان. گڏوگڏ نصير مرزا صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن مجموعي جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ پنهنجي راءِ سان نوازيو. آئون انهن مهربانن ۽ دوستن جو بہ احسان مند آهيان جن اخلاقي ۽ ادبي راءِ کان نوازيو ۽ هن مجموعي کي ڇپائڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو.

آئون سين پڙهندڙن کان پنهنجي غلطين ۽ ڪوتاهين جي معافي ٿو وٺان شايد آئون ان نهج تي پورو نہ لهي سگهان. جيڪا توهان جي اعليٰ ظرف ۽ ذوق جي مطابق هجي. منهنجي ناقص ذهن جي ڪم علمي ۽ ڪم عقلي توهان پنهنجي آدرشن سان نہ پيٽجو ڇو تہ آئون اڃان طفل مڪتب آهيان. آئون اڃان درد جي دريا جو مڪمل تاروُ نہ ٿي سگهيو آهيان ۽ نہ ئي وري نينهن جي ندیءَ کي پار ڪيو اٿم. پر اَن عشق جي پانڌيئڙن جو همسفر ضرور ٿيو آهيان جن من جي ميخاني مان محبت جي هڪ سُرڪ پري ابدي خمار حاصل ڪيا. جن فڪر ۽ فهم سان دنيا جي ڪثرت کي وحدت ۾ ڏنو. جن عشق کي امام چئي ان جي تقليد ڪئي. جن عشق کي عبادت جو درجو ڏنو.

ڏٿيءَ در التجا آهي تہ جانِ ناتوان جو پورهيو شل قبول پوي.

خير انديش

سليم بچاڻي

پاتولي پاڙو تندوالهيار سنڌ

فون نمبر 890700

19 اپريل 2005ع

شاکر

حمد

پاڻ ئي ڄاڻين پاڻ ئي سمجهين مالڪ پاڻ ئي پنهنجا پار،
ڪونہ ڪو ڄاڻي ڪونہ ڪو سمجهي تنهنجي مام سندا، اسرار.

ڪو آ بکيو ڪو آ سُکيو ڪو ٿو ڏکن ۾ ڏينهن ڳڻي،
ڪن کي مدامي ماتم مليو ڪن کي خوشيون خوب هزار.

ڪن کي ڏين ٿو رُشد و هدايت، کي ته سدائين ٿيا گمراهہ،
توبهہ تنهنجي در تي سائين، بديون بخشين بخشڻهار.

ڪن کي تخت و تاج عنايت، کي ته ٿيا رُسوا ۽ ذليل،
ڪِن جي ساڻي سُرت وڃايئي کي ته حقيقت ۾ هوشيار.

پير پيغمبر، قطب قلندر، شاهہ گدا، غازي ۽ شهيد،
سارا تنهنجي در جا پينون، تون سيني جو پالڻهار.

تون ئي وحدت تون ئي ڪثرت آ ، سمجهيو صاف "سليم"،
تنهنجو جلوو هر جاءِ مولیٰ، تون ئي آهين نت نروار.

حمد

گلن ڦلن ۾، ماڪ ڦُڙن ۾، هاڪ حُسن ۾، مُشڪ ختن ۾
شفق رنگن ۾، دل ۽ ذهن ۾، فلڪ زمين ساري سنسار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

ناز و ادا ۾، ساز و صدا ۾، شاهه و گدا ۾، نوري ندا ۾
حيرت ڪده ۾، خود ئي خدا ۾، آهي سمايل ڪو اسرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

برگ و شجر ۾، صبا سحر ۾، شمس و قمر ۾، بر و بحر ۾
مينهن ڪڪر ۾، هر منظر ۾، تنهنجو جلوو ۽ جنسار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جهنگ جبلن ۾، نالاءِ ندين ۾، پوپٽ پرن ۾، پٿر ڪنڊن ۾
ڏڏن ڏرن ۾، واريءَ ذرن ۾، جنهن جو ناهي ڪو ئي شمار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جنم جنم ۾، خيال و وهم ۾، فڪر و فهم ۾، هرڏم، دم ۾،
ڪُتب و قلم ۾، عشق و عدم ۾، هر هنڌ ٿيو اقرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

نهان عيان ۾، عشقِ بُتان ۾، گيتا گيان ۾، دين و اذان ۾
زمان مڪان ۾، قول قرآن ۾، توحيدي تڪرار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

جيڪو ڄاڻي، سوئي سڃاڻي، ڪير ٿو آڻي، منزل ماڻي،
"سليم" هاڻي، سينو تاڻي، واجب ٿيو اظهار
منهنجا مالڪ تون ئي تون

حمد

مڙئي معاف ڪج تون ڪامل ڪچايون
لکين عيب مون ۾ بيحد برايون

نہ تقويٰ طهارت نہ روزو رياضت
گذاريم حياتي بنا تو عبادت
ڪجان در گذر سڀ هادي هيڻايون

سندم حال معلوم توکي آ سارو
سوا تنهنجي سائين ٻيو ناهي سهارو
ميرا يا مندا تہ بہ بنده تو سڏايون

گناهگار آهيان خطاڪار آهيان
پرين پاڪ رب! مان سياهہ ڪار آهيان
حسناتِ ۾ لکجان ميٽي مدايون

نِدامت اٿم جو ڪجهہ ڪين- ڪمايم
غفلت ۾ ڏينهڙا ويهي وڃايم
"سليم" ڪندو بخش عاصين اُوڻايون

نعت

پلي چام چائو تيون سپ سڻايون،
ملڪن فلڪ تان ڏنيون لک واڌايون.

شفيع المذنبين واهر وسيلو،
غريبن جو غمخوار هيڻن جو حيلو،
اچڻ سان ويون تي چوڏس سرهايون.

يٰسين، طٰحٰ، مُزمل، مدثر،
عطا ٿيا نہ لقبَ ٻئي ڪنهن پيغمبر،
خطائون امت جون ڏولي ڏکايون.

منا مير مرسل تنهنجو شان عالي،
تنهنجي در جو هر دم "سليم" سوالي،
پُکي ٻاجھ جي ڏيو ڪري ڪي پلايون.

منقبت

ولي ڪامل رفيع رهبر علي المرتضيٰ آهي،
فاتح فاضل خندق خيبر علي المرتضيٰ آهي.

نسب نالو اُتم عالي، سوين سلطان در سوالي،
سخاوت جو پڪو پيڪر علي المرتضيٰ آهي.

خانءِ ڪعبہ ولادت گھر، ٿيو مسجد شهادت گھر،
جنهن کي پاليو هو پيغمبر علي المرتضيٰ آهي.

شريعت ۽ طريقت جا، هئا عارف حقيقت جا،
امام اهلِ صُفا سروڙ علي المرتضيٰ آهي.

خداءِ پاڪ جو پيارو، بتول[۴] حسنين جو تارو،
نبيءَ جو نام نيشانبر علي المرتضيٰ آهي.

"سليم" ڪهڙي ثنا خواني ڪري سگهندو جهان فاني،
مڙن مومنن جو ٿيو محور علي المرتضيٰ آهي.

دعا

منهنجي من جا مالڪ اُها زندگي ڏي،
سنيالي سگهان بس اُهو غم خوشي ڏي.

شب و روز ذڪر و فڪر ۾ گذاريان،
اوهان جي ئي نسبت اندر کي اُجاريان،
هجي پاڪ، رياءَ کان اُها بندگي ڏي.

بُراين کان بلڪل ٿيان دُور آئون،
هجان شل پلائيءَ ۾ پرپور آئون،
مون کي نيڪ و ڪارن جي صحبت ڇڳي ڏي.

هلائج ڇڻن بازن، پنجين نور سان تون،
هلي ڪين شيطان شر ڪو مڪر مون،
نہ محتاج مخلوق سندي بيوسي ڏي.

اڇي جوش ـ رحمت صدا سا عطا ڪر،
پهچي عرش معليٰ ـ ندا سا عطا ڪر،
متيان غير کان مُنهن اهڙي بي رُخي ڏي.

مُهابي مُحمدؐ جي ڏي هادي هدايت،
"سليم" سرخرو ٿئي شل روز قيامت،
قبر ۾ ٿئي رهبر اُها روشني ڏي.

غزل

منزل تہ هڪ ئي آهي راهون الڳ الڳ ٿيون
گهايل تہ سپ اکين جا، نگاهون الڳ الڳ ٿيون

ڪو قُرب ۾ ڪُسي ويو ڪو پيار ۾ رُسي ويو
آهي تہ ڳالهہ ساڳي، ادائون الڳ الڳ ٿيون

محبت جي موهَہ ماريا، يا برهہ باهہ ساڙيا
مقصد مرڻ محب لاءِ، دانهون الڳ الڳ ٿيون

ڪو رام ٿو اُچاري، رحمان ڪو پڪاري
آهي هڪوئي هڪ، پر صدائون الڳ الڳ ٿيون

ڪي بدبخت سڏجن، ڪي نيڪ بخت سڏجن
مقدر جي معاملي ۾، مُدائون الڳ الڳ ٿيون

هر غمي خوشي ۾ ۽ موت زندگيءَ ۾
طاعت طريقو هڪ ئي، دعائون الڳ الڳ ٿيون

آدم خطا شجر جي، شيطان غرور شَر جي
منصف "سليم" ساڳيو سزائون الڳ الڳ ٿيون

نہ خوشي کا ميسر نہ ڪو ملال آهي!!
عجيب زندگي آهي نہ خواب و خيال آهي!!

"غم تنهائي ۾ ايڏو تون ڇو ٿو روئين پلا؟"
عجيب مون کان پڇيو تو سڃڻ سوال آهي!

پڙهان مان عشق محبت جا ڇا لاءِ افسانا،
منهنجي تہ زندگي مون لاءِ وڏو مثال آهي!

اسان کي يارَ جي يادن مان فرصت ئي ڪانهي،
ڪريان حساب ڪهڙو درد دل محال آهي!

نہ ياد ماضي ڪريون ٿا، نہ مستقبل جو فڪر،
سدائين ٿا رهون مُطمئن جهڙو پي حال آهي!

خوشيون تہ شايد مون کان ويون رُسي آهن،
ڪيو غمن پي ڇو پاسو هتان في الحال آهي!

لڪائين پاڻ کي ايڏو ۾ ڇو ڪَرين ٿو حجاب،
مگر حشر ۾ تہ ٽيٽو تو سان وصال آهي!

ڏکيا هي ڏينهن گذاري تون وڃ صبر سان "سليم"،
چوين تون ڇو ٿو تہ: "دردن ڪيو بي حال آهي".

نہ ڪي انڪار تو چاهيان، نہ ڪي اقرار تو چاهيان!!
خبر نہ آهي دِل نادان، ڪهڙو پيار تو چاهيان!!

طلب ناهي وصلُ جي ڪا، نہ ڪي هِجر و فِراقن جي،
نہ ڪي ڪو ڪَربُ تو چاهيان، نہ ڪي قرار تو چاهيان!

ويا سڀ شوق شُهرت جا، مگر آ آرزو البت،
نہ ڪي ڪا جيت تو چاهيان، نہ ڪي آئون هار تو چاهيان!

رقيبن سان رکي رغبت، هلي هُو بزم ۾ آيو،
نہ ڪي دلدار تو چاهيان، نہ ڪي اغيار تو چاهيان!

ڇڏي في الحال مونکي ڏيو منهنجي ئي حال تي يارو!
نہ ڪي ڪا راهہ ٿي گهرجي، نہ ڪي فرار تو چاهيان!

ويجن سڀ موسمون متجي، نہ مون تي ڪو اثر ٿيندو،
نہ ڪي تعلق خزان سان آ، نہ ڪي بهار تو چاهيان!

دِل مضطر جي ڪيفيت کي، تہ ويو سمجهي "سليم" آهي،
نہ ڪي تو چُپ رهڻ چاهيان، نہ ڪي اظهار تو چاهيان!

درد دلبر تو ڏنو هاڻي دوا دارون ته ڏي
من گهريا محبوب منهنجا وچ نہ گوندر منجهہ گڏي

رحم پيئڙو ڪين ڪي، توکي ستمگر ڪو ڏرو
التجائون تي ڪيم، شام و صبح واکي وڏي

حال منهنجي جي حقيقت، جي حياتيءَ ۾ پُڌين
سڀ سُڻانيان سُور ثابت، جي پڇين سهڻا سڏي

مون سندءِ مرضيءَ مطابق آ گذاري زندگي
پوءِ سبب ڪهڙو ٻڌاءِ؟ تو ويڇين چوري چڏي

جنهن جي آئي مانُ ۽ عزت وڏي
سُو گهمائي پيرُ پيارو شل اچي منهنجي تڏي

من مُدامي آهي ماندو دوست جي ديدار لئہ
تا سڪون جنهن لئہ "سليم" سو پکا اوري آڏي

نہ تون ملئين نہ خوشي ملي، نہ ڪي مليو قرار دل
اسان جي پاڻ ۾ لکيل، فقط آهي غبارِ دل

اسان تہ تنهنجي راهہ ۾، وڇايون پنهنجون حسرتون
لتاڙي تون هليو وئين، ڪري ڇا، بيقرار دل

وڃائي پنهنجو نام و ننگ، ڏنو مون جنهن کي نام هو
گُهران ٿو اڄ وجود جو انهن کان اختيار دل

حقيقتون بہ ٿيون اٽل ۽ محبتون بہ ٿيون اٽل
ڪٽي ڇلا پوءِ ائين ڪريان، پنهي تي اعتبار دل

آيو نہ ٿي ايندو ڪڏهن، شايد آهي منهنجو گمان
پر پيو ڪريان اميد تي عجيب انتظار دل

خواب ۽ خيالن اندر جيڪو رهيو ڇانيل سدا
سوئي ٿو سمجهان "سليم" دوست ۽ دلدار دل

احوال زندگيءَ جو ڪنهن کي ٻڌائين ڇو ٿو
هن دل لڳيءَ جون ڳالهيون هر هر هُلائين ڇو ٿو

خاموش حسرتن جا انداز ئي نِرالا
ظاهر ڪري سين تي خِلوت کلائين ڇو ٿو

تو بيخوديءَ ۾ لکيو هُن بي رخيءَ مان پڙهيو
هي معاملو اوهان جو من کي مُنجهائين ڇو ٿو

آغاز عشق جو هجي يا انجام عشق جو هجي
هي راز ٻن دلين جو مونکي ملائين ڇو ٿو

تصور ۾ سڄ پڄين جي، جي رُوپ هٿا اوهان جا
تسليم درحقيقت پردو هٽائين ڇو ٿو

ناڪام هر تمنا هر آرزو اڌوري
منزل ناهي مقدر راهُن رُلائين ڇو ٿو

هاڻي جڏهن ڪو تعلق ناهي رهيو اُنهي سان
اُن شخص جو "سليم" پَر ۾ پُڇائين ڇو ٿو

اڄ بدن تي آ بهاري، هي مزو تنهنجي ڪري
وئي ملي قلبن قراري، هي مزو تنهنجي ڪري

هو مثِل باغ جنت جي، اڄ سڃو عالم امير
پي ڪئي مؤليٰ ملهاري، هي مزو تنهنجي ڪري

جت بہ گڏيا چار تي، هو اتي ميڙو متلُ
هُئي الڳ هر ڪنهن جي پاري، هي مزو تنهنجي ڪري

ويهي رڳو واکاڻجي، سونهن سهڻي يار جي
جنهن ڪري دنيا سونهاري، هي مزو تنهنجي ڪري

ناز سان نازڪ هليو جت پانهن لوڏي هيج مان
سا ڇُمان يونءِ پلاري، هي مزو تنهنجي ڪري

ڇو نہ ٿئي "سليم" سَرهو اڄ ملي محبوب سان
ختم ٿي وئي اَشڪباري، هي مزو تنهنجي ڪري

اڇو پل دلربا هاڻي، مگر سا بات گذري وئي
زبان تي هو ذڪر جيڪو اُها اڄ تات گذري وئي

جي رُسندو تون هُئين راڻا ته منڊون ڏي ڪيم ڪيڏيون
اُهي آزيون اُهي نيازيون، حُجت حالات گذري وئي

سلوڻا ڏينهن گذريا ڪَئين برهه باغن ۾ پهارن ۾
اُهو ماحول ۽ موسم، اُها برسات گذري وئي

اوجاڳا ڏٺي اکين کي مون ڏٺيون راهون تنهنجون هر هر
سوين سوچون فڪر لاحق، اڳين خيالات گذري وئي

شڪسته دل ڇيو آخر "سليم" ڪيسين سَتَمَ سهندين
سنياري يار جا وعده، رُنس سا رات گذري وئي

زخم جيڪو تو ڏنو پرجي نڏو
زندگيءَ جو قيد هي ڪٽجي نڏو

ڪيئن ڪريان ڪيڏانهن وڃان ڪنهن کي چوان
تو بنا هي روح ڪِٽ رَلجي نڏو

هر نظر ۾ تنهنجو ئي منظر ڏسان
ديد جو هي شوق ڇو گهَٽِجي نڏو

ها وساريان جي مگر وسري سگهين
پر مون کان هڪ پُور پي پَلجي نڏو

دردِ دل دلبر ڏنو اهڙو ڏنو
حالِ دل ڪنهن ساڻ هي سلجي نڏو

ڪيئن وصالِ يار ٿئي تو سان "سليم"
هاءِ محبت ۾ جيسين مَرجي نڏو؟

چو ٿو ٿين تون ايڏو اُداس
آخر ويڻي آهي اُماس

رنج و اَلَم سان ڪهڙا جهيڙا
خوشي نہ آئي مون ڪي راس

دردن لاتا دل ۾ ديرا
ڳٽتين ڳاريو منهنجو ماس

ازل ابد کان تنهنجي رهندي
تن ڪي طلب ۽ من ڪي پياس

منهنجي حالتِ زار ڪي ڏسندي
چنڊ ستارن آيو قياس

ٻيو ڪو چارو نہ آهي "سليم"
رَکڻي پوندي اُميد آس

ٿي عمر هي تمام آ دعائون ڪندي ڪندي
هر تنهنجي ستم سامهون وفائون ڪندي ڪندي

ناهي مزاجِ يار جي، مون کي ڪائي خبر
خود ئي خَفا ٿيو ويچي جفائون ڪندي ڪندي

نازن سان دل کسي وئين پنهنجو ڪري پرين
قابو ڪيو تو قرب ۾ ادائون ڪندي ڪندي

محبت ۾ مضطرب ٿي، مجبور دل هٿان
رُسوا ٿيس اوهان جون ڇڄائون ڪندي ڪندي

آخر مسيحا منهنجو لاچار ٿي پيو
هن مرضِ لادوا جون دوائون ڪندي ڪندي

پاڻ ئي لُٽايو پاڻ کي پنهنجي هٿان"سليم"
هي جان ناتوان ٿي سُڪائون ڪندي ڪندي.

رات بہ مون هو توکي ساريو
رئندي رئندي ڏينهن اُپاريو

روح جا رشتا، نينهن جا ناتا
ٽوڙي ڇڏيئي ڪري مون کي ڏاريو

ننڍ اکين وڻي ڇين ويو دل جو
ڇو نہ پچيئي ڪيئن گهايل گهاريو

ائين تڙپيس ٿي لڇيس جليس ٿي
پارڻ ۾ ڄڻ پاڻ کي پاريو

خيال کي ويڙهي وهم ويو سپرين
موت کي ڄڻ ٿي جيون ماريو

ياد سان تنهنجي "سليم" سرچي
ڇرکي درن ۾، مون پئي نهاريو

سرو قد جادو چشم ها اڃان پي ياد آ،
وعدا، توبہ ۽ قسم ها اڃان پي ياد آ.

ڪيئن نہ ٿئي مسرت پلا مهتاب مُک روشن ڏسي،
ڪهڪشان خورشيد و خم ها اڃان پي ياد آ.

ڪائناتِ حُسن جي رنگن ڏنو ايڏو سُرور،
نيم خوابي چشمِ نَم ها اڃان پي ياد آ.

داد قابل جي عُشاق مقتل اندر مرڪي ملن،
رقصِ بسمل جو عزم ها اڃان پي ياد آ.

گردشِ اَيام جون سڀ صعوبتون وسري ويون
پيار جو پهريون زخم ها اڃان پي ياد آ.

ٿو ميان محبوب جي محبت ڪيو بي خود "سليم"،
روز و شب جو ڪار ۽ ڪم ها اڃان پي ياد آ.

هاءِ دل توڙي ڇڏيئي، هاءِ دل توڙي ڇڏيئي
منهنجو اي جيءُ جاني، جهنجهوڙي ڇڏيئي

سيني اندر پليل هُئا سالن جا سلسلا هي
سِبيل ڇو رُوح رشتو اُڀوڙي ڇڏيئي

ڪل ۾ خوشي ڏئي تو توئي ڏنو هو سُک ڇين
اڄ ڪيئن ٻلا ڏکن ۾ ٻوڙي ڇڏيئي

جيڪي ڳڏيون ڏنل هيون تنهنجي ۾ منهنجي ساهه ڪي
هڪ هڪ ڪري هٿن سان ڇوڙي ڇڏيئي

محبوب محبتن جو حق ڪيئن ٻلا ادا ٿئي
اُتندي ئي جوش جذبو مروڙي ڇڏيئي

توکي ڪري اڪيلو سُورن ۾ ويو "سليم"
جن لاءِ وجود پنهنجو ولوڙي ڇڏيئي.

هاڻ تنهنجو دوست دلبر در ڇڏي ڪيڏانهن ويجان،
زندگي پوري اچي ٿي، پر ڇڏي ڪيڏانهن ويجان.

هُئي بهارن جي تمنا، پئي پلئه مون کي خزان،
ويو چمن اجڙي سمورو پر ڇڏي ڪيڏانهن ويجان.

راحتون، تڪليف جيڪر ٿي پون پوءِ ڇا ڪجي،
ٿي گذارڻ ويو آ مشڪل، جهر ڇڏي ڪيڏانهن ويجان.

دل رهڻ آزاد چاهيو هن ءِ هُن سنسار کان،
مُنهن ڪريان دنيا کان پر آخر ڇڏي ڪيڏانهن ويجان.

رات انڌاري يادل برسن، سيني سرجيو سُور "سليم"،
هن گهڙيءَ ۾ تون ٻڌاءِ، گهر ڇڏي ڪيڏانهن ويجان.

موت تي ڪهڙي ميار زندگيءَ ماري وڏو
برهہ واري بيقراري، بيخوديءَ ماري وڏو

پل رهو تنهائي ۾ مون کان خفا منهنجا صنم
بزم ۾ ٽئي ڪيئن گوارا، بي رُخيءَ ماري وڏو

همسري هئي، شان شوڪت ۾ شناسائي به هئي
دِست سُوالي بي زري ۾ بي ڪسيءَ ماري وڏو

فرطِ محبت ۾ ڪئي دل، يار سان شڪوه گِلا
پوءِ جڏهن احساس ٿيو شرمندگيءَ ماري وڏو

حُسن ۾ اڄ يي ڪشش ۾ عشق ۾ ساڳيو اثر
اهلِ نظر آهيان ايان، پر بي دليءَ ماري وڏو

دل چوي ٿي اُفق تي، آزاد ٿي اُڏري وڃان
ٿيس اسيرِ زلف زندان، بيوسيءَ ماري وڏو

سادگيءَ ۾ عمر پئي گذري سچائيءَ سان "سليم"
دل فريبي دوست، دنيا دورنگيءَ ماري وڏو

واهہ دلڑي جَسُ هجئي، واهہ جو ڪيو تو انتخاب،
سونهن سپ ڪنهن کي لُڀائي، هي تہ لالڻ لاجواب.

پوش پوشاڪون پرين پائي، جڏهن نِڪتو نجيبُ،
هوءِ هوڪا ٽين گهٽين ۾، ٽيا ڦِڪا نازڪ نواب.

نينهن وارن تي نوازش، آ رهي تنهنجي مُدام،
ڪهڙا ڳائي ڪهڙا ڳايان، تنهنجا ٿورا بي حساب.

جوتِ جلوي ساڻ جهرمر ، آ سڄو سنسار ٽيو،
قطبِ تارا چنڊ ڪتيون، هت تہ شرمائي شهاب.

جي نگاهِ ناز سان، مخمور ٽيا تِن کان پڇو،
ڇا خبر هوندي انهن کي، جي فقط شائق شراب.

تنهنجي تصور سان ئي، آهي هن حياتيءَ کي بقا،
پنهنجو جيون پنهنجي جانيءَ ڏي ڪريان تو انتساب.

اڄ تہ ويهي روح جون ڳالهيون، ڪريون ڪي روح سان،
اي "سليم" جا سهارا، ڇڏ ڪٽي حاڪم حجاب.

زُلف سياھ نشتر نظرون ماھِ مثل رُخسار آ
پاڪ پيشاني پرينءَ جي ابرو سندءِ تلوار آ

ڏند موتين جي نما لال لَب محبوب جا
تا لُڀائن غمزه غضب گوھر سندس گفتار آ

ناز پرور ناز سان نينھن جي نوازش جي ڪري
سِيمِ و زر گھرجي، نه ڪي شمس و قمر درڪار آ

چارسُوءِ جنھن جي طفيل اڄ چمن آباد ٿيو
گل ڪليون ۽ باغ بوندن، موھيو مھڪار آ

اي صنم تنھنجي حُسن جي ڇا ڪري ساراھَ "سليم"
جابجا چرچا اوھان جا ھي عالم آشڪار آ

سُکونُ دل جو لُٽي ويو لُٽي قرار ويو
ڏيکاري صورت سهڻي هُو بار بار ويو.

اٿم هي ڏک ته اسان جو پرم رکي نه سگهيو
بي آبرو ڪري محفل ۾ رازدار ويو.

فقط اوهان جي تصور سان زندگي پئي ڪٽي،
ڏئي جُنون، ڪسي منهنجو اختيار ويو.

اڄان به آهي تمنا ۽ آرزو ايندو
وڃڻ جي وقت ڏئي قول اعتبار ويو.

"سليم" سُر ڏئي سمجهيو ته سرخرو ٿيندس،
مگر هو طعنا تشنيع ڏئي ميار ويو.

خيال و خواب ۾ آهين تون يڪ نظر او پرين
اسان جي حالتِ زار کان بي خبر او پرين

غم تنهائيءَ جي اُلجهن کان اڄ ڪريو آزاد
اسيَر پل ڪريو مون کي اوهان جي در او پرين

هلي وئي آ نيٽن مان ننڊ الائي ڇو
خبر نہ آهي تہ تو ڪهڙو ڪيو سحر او پرين

شب اول کان ڏسان پيو اڇڻ سنديون راهون
اجاَن بہ آهيان اميدن تي منتظر او پرين

پڇين جي حال تون تن کان اگر صحيح سمجهين
جي عشق تنهنجي ۾ ٿي ويا هو دربدر او پرين

اسان تہ نالي اوهان جي ئي تا هتي لِکجون
انهي ڳالهہ جو شاهد سڄو شهر او پرين

"سليم" سور سهڻ جي رهي نہ طاقت ڪا
دوا ڏئي نہ سگهو جي تہ ڏيو زهر او پرين

ڏسي صورتُ صنم تنهنجي، اچي ٿو رشڪ تارن کي،
جُهڪيو عرش معليٰ هو ڏسي سورنهن سينگارن کي.

جَهڪا شمسُ و قمر ٿي ويا، تنهنجي جلوي جي جلون سان،
هليو حيلو نہ ڪو حورن، هارايئي حسن وارن کي.

تنهنجي زلفن جي خوشبوءِ سان معطر ٿيو چمن سارو،
گُلن رنگت ڇڏي آخر، ندامت ٿي نظارن کي.

رُخ زيبا ٿيو ظاهر، تہ روشن بزم ٿي ساري،
ويا سڀ تاب طابع ٿي، حجاب آيو هزارن کي.

مَئي محبت منجهان ساقي پريون سُرڪيون "سليم" اهڙيون،
اُڏامي هوش ويا هڪدم، خُمار آيو خُمارن کي.

جيڪو ڏسان ٿو سھڻو سانول، دل چوي ٿي پيار ڪريان
دل چوي ٿي پيار ڪريان، تنھن سان ڪجھ اظھار ڪريان

ھر ڪو سھڻو ايئن وٽي، مکڙ ماکي جيئن وٽي
سپنن ۾ ھر رات گھٽي، پيو دل کي باغ بھار ڪريان

جڏھن ويس ڪرن ٿا ڪارا، محبوب لڳن موچارا
ٻئي نيڻ خنجر جي ڌارا، ڪيئن ڪُسڻ ڪنان انڪار ڪريان

بي پرواھ ٿيو مست مگن، پانھون لوڏيو خوب گھمن
ھر اک جي ٿا آرا سمجھن، پر پاڻ کي ڪيئن ھوشيار ڪريان

نيڻ ڪٽي جي نھارن ٿا، مُرڪيو مُرڪيو مارن ٿا
سينو کولي کارن ٿا، پوءِ چو نہ اکيون تڏڪار ڪريان

ھِن کي ڏسي ٿو ھُن کي ڏسان، شام و صبح ٿو روز ڪُسان
ڪنھن سان پرچي ڪنھن سان رُسان، ھڪ ھجي جو ڌار ڪيان

چوي صاف "سليم" نماڻو مون پسند ڪيو ھڪ ماڻھو
جيڪو آھي موتيءَ داڻو جنھن تان جان جسم کي نثار ڪريان

نگاهن سان ڪيئي جيڪو اِنهي اقرار تان صدقي،
زبان سان تو ڪيو مرڪي، اِنهي انڪار تان صدقي.

جڏهن تون بزم ۾ آئين، اچڻ سان تو ڏسي مون کي،
انهي، طرزِ تڪلفُ جي، ڪلڻ ڪيڪار تان صدقي.

صبح ۽ شام جڏن راهن مٿي تنهنجو گذر آهي،
چمان گهٽيون مڙئي محلا، شهر، بازار تان صدقي.

رکيو تو جنهن چمن سان چاهُ، سو مثل اِرم مون لئ،
انهن باغن بهارن تان، خزان ۽ خار تان صدقي.

ڪَڪوريل ڪَيفَ جيئن اکڙيون، لڳن سهٽيون سدا مونکي،
پئي لب لعل لاثاني، رنگي رُخسار تان صدقي.

انهي مُخفي محبت جا، مزا ماڻيا "سليم" اهڙا،
لِکائي لوڪ کان ٿيو جو اُنهيءَ اظهار تان صدقي.

اسان ته پاڻ کي جنهن تان ڪيو فدا آهي،
افسوس سو ٿيو اڄ مون کان جُدا آهي.

جلائي پاڻ ڪي مثلُ پتنگ جي خاڪ ٿيا،
محبتن جو ڪيو تن ئي حق ادا آهي.

ڏسڻ سان فرطِ محبت ۾ ٿيو وجون بيخود،
شايد اِها ئي مون معذور جي خطا آهي.

قدم قدم تي ڪيم پيش جان، دل، ايمان،
پوءِ بي رُخيءَ جو سبب ڪهڙو دلربا آهي.

چيم ته: "راهه ۾ رولي وڃين تو چو همدم"،
چيائين: "تنهنجي تغافُل جي هي سزا آهي".

قريب موت جي به هُن جو خيال باقي رهيو
"سليم" جو سفر آسان ڪيو خدا آهي.

چو شمع وانگي سڙان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي
چو پتنگ وانگي جلان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

منهنجي آواز تي نہ ڪنهنجو ڪو آواز مليو
چو سحر تائين رڙان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

ڪَئين ارمان، ڪَئين حسرتون هن ساه اندر
آهي ڪو رازِ نهان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

نہ ناصح جي نصيحت ڪيو ڪو ڪنهن تي اثر
اِها ظاهر جي زبان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

حقيقتن تي ڪهڙو بحث ۽ تڪرار ڪجي
آهي هر ڪنهن تي عيان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

"سليم" تحرير و تقرير کي تون تَرڪ ڪري
ڪري ڇڏ بند بيان، ڪير جي سمجهي نہ سگهي

اڄ وري ناشاد دل دلدار لئہ روئي ڏنو
اَشڪ اکڙين مان ڳڙي پيا يار لئہ روئي ڏنو

جنهن جي اُلفت آ اندر ۾ سوز و غم پيدا ڪيو
مَنَ انهيءَ محبت سندي مهندار لئہ روئي ڏنو

ڪئين دنياوي گردشون آيون ويون منهنجي مٿان
تو ڏنا ڪيڏا نہ ڏيڻ مون پيار لئہ روئي ڏنو

خوشنصيبن کي مبارڪ، بدنصيبن تي ميار
آ عجب رسمِ جهان، اختيار لئہ روئي ڏنو

آرزو جيڪا ڪيم تون مُسڪرائي ٽئين خفا
مون تنهنجي اقرار ۾ انڪار لئہ روئي ڏنو

جانِ بسمل ٿي عيان وڃي ضبط وارن جي اڳيان
مون پرين! پنهنجي ڪسبي ڪردار لئہ روئي ڏنو

جت رهن محبوب منهنجا سو مقام اعليٰ ۽ افضل
اُن سُني سهڻي "سليم" سنسار لئہ روئي ڏنو

هن حُسن بي بها تيَ قربان ٿيا هزارين
هن زُلف جي ڪمند ۾ زندان ٿيا هزارين

ڇا جوت جلوو جاني جنسار جاڀجا هو
حيلو حجت هلي ڪيئن حيران ٿيا هزارين

مون زندگي سموري ڪئي وقف ڪاڻ دلبر
پوءِ ماهرو ملڻ جا امڪان ٿيا هزارين

شاهه و گدا ٿيا هت ديدار لئه ديوانا
در دوست دلربا جي دربان ٿيا هزارين

مون کي مسيحا محبت ۾ لاڏوا ٿا سمجهن
تنهن دردِ دل جا تو وٽ درمان ٿيا هزارين

سُٽجان "سليم" ساڃهر وٽ اوٽ عشق جي تون
اُلفت جي اولي آيا انسان ٿيا هزارين

تنهنجي بستيءَ ۾ رهڻ تا گهرون
سور صدما وري سهڻ تا گهرون

زندگي آ نہ ڪيڏو آزاربو
حوصلو نہ آهي پر جيئڻ تا گهرون

جيڪي باقي بچيا ڪٽا ڪشتي
سي دلئون توکي ڏيڻ تا گهرون

جيڪي آهي مليو اوهان طرفان
زهر امرت ڪري پيئڻ تا گهرون

تون ئي همراز ۽ تون ئي هم دم
حالِ دل توسان ئي سلڻ تا گهرون

ڪنهن کي پنهنجو ڪري سگهيو نہ "سليم"
هاڻ يارو ڪنهن ڇا ٿيڻ تا گهرون

دوست توسان دل لڳائڻ جي رهي مون آرزو
بند ظاهر جي زبان باطن ۾ هئي ڪا گفتگو

هو عجائب شور و غل، آه و فغان عالم ۾ ٿي
جلوو ٿيو آهي عيان جڳ ۾ جڏهن جُوبَجُو

بُلبل و گل جي هئي هت آشنائي ازل کان
پنئور پيلي ڪيئن ڪندو چوڏس چمن جي آبرو

تشنگي طلبن اندر سان ڪيئن اُجهامي عام سان
خاص خِلوت ۾ ٿيو ديدارِ دلبر دوبدو

من اندر مطلوب سان جي ملاقاتي ٿيس
پيش پرين کي ڪندس هي روئداد روبرو

مشڪلاتون ۽ مصائب سي سدا سر تي ڪٽي
نيٺ ٿيس در دوست جي آخر "سليمَ" سُرخرو

هي آغازِ پيار آهي
واهه جو خُمار آهي

ڏسندي نگاهه ناز کي
ايندو قرار آهي

سُنسان گلستان ۾
ڪا بوءِ بهار آهي

تصور اوهان جو هر دم
اکين تي سوار آهي

منهنجي سُڪونَ جو سائين
خود بيقرار آهي

سالن جي سوچ ڪانپوءِ
مَس ٿيو اظهار آهي

حائل "سليم" چاهت ۾
غمِ روزگار آهي

اي قرار دل توکي ڏيان صدائون ٿو
فراق تنهجي ۾ ڏيان پاڻ کي سزائون ٿو

اسان جي پاڻ ۾ آيو هجر ته ڇا ٿي پيو
وصل جا واعدا ڪري تون ڪرين جفائون ٿو

ڏيان مبارڪ توکي يا ڪريان مان ماتم
اُجاڙي پاڻ کي توکي وسايان آئون ٿو

اسان کي هر گهڙي هر نگر هو آزمايو تو
پوءِ به جَسُ اٽئي جاني ڏئين دغائون ٿو

"سليم" ته ڪيتريون تنها ڪٽيون راتيون مگر
پر نه تون ٽئين تنها ڪريان دُعائون ٿو

تنهنجو مُرڪي مُرڪي ملڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ
هر ڳالهه تي ٿڪ ڏيڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

گلنار ڪلي گل خار باغن ۾ بوند بهار
ٻيو پوپٽ ٻوٽر ٻڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

تک تيز ندي جي ڌارا، برفاني پوش نظارا
پٽرن تان برفون ٻُرڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

هڪ حُسن جمال هزاري، ٻيو نازُ نفاست ساري
ٽيون هرڻي چال هلڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

ڪيا پگهر پُسائي آلا ڳَل خوب گلابي لالا
چَپَ بُولي جيئن ڇُهڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

نت نيون پوشاڪون پائي، خوشبوءَ سان تن مهڪائي
شهزادن جيئن اچڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

تنهنجو رُسي وڃڻ ٿو ماري، دل جان جگر کي ڳاري
وري پيار ڏئي پرچڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

بيخود ٿي "سليم" جا چئي آ ۽ توبہ ڪٽي نہ ڪا ڪئي آ
تنهنجو مون کي ئي سمجهڻ، مون کي ڏاڍو وٽندو آ

اي سڄڙ صورت اوهان جي من ڪيو مستانُ آ،
هوشَ، حيرت ۾ هليا ويا ۽ هينئون حيرانُ آ.

هڪ خماريل نيڻ نرگس، ٻيا پرون جاڙا ٻئي،
هو رکيل تارن ۾ طلسم جوهري جولانُ آ.

وار واسيل ٿي هٽايا رُخ مٿان جنهن دم عجيب،
ٿيو جهان سارو سُهائو هر بشر شادانُ آ.

تو سوا ناهي جميعت جان کي اي جانِ من،
ٿيو فقط تو وٽ ميسر درد جو درمانُ آ.

عابدن کان وئي عبادت سونهن تنهنجيءَ کي ڏسي،
ڪئين ڏنم زاهد هتي، جن لرزيو ايمانُ آ.

همسري تن سان ٻلا، ڪيئن ڪري سگهبي "سليم"،
جوڙ جانيءَ جو نہ ڪوئي، برملا اعلانُ آ.

محبت ۾ سَهڻيون پونديون مڙئي ملامتون،
حاصل تڏهن ئي ٿيندين ثابت سلامتيون.

واصل وڃائي پاڻ کي پهتا جڏهن اُتي،
تن کي مليون جهانَ جون نوري نيابتون.

سُوري مٿي چڙهي ب جن اَناالحق چيو
آهن عميق راز جون حيرت حڪايتون.

منجهه فڪر جي فنا ٿيا عيش و طرب ڇڏي،
تن جون قبوليون ڪرم سان راڻي رياضتون.

ثابت رهن صبر ۾، هُو تن جو همنشين،
ذڪر و فڪر ۽ فاقا عاجزي علامتون.

جنهن حال ۾ رکي رب، راضي رهو "سليم"،
ناهن ڪبيون بي نياز سان شڪوه شڪايتون.

اڄ وري خيالن اندر گذريل زمانہ ياد پيم
تنهنجي منهنجي محبتن جا سڀ فسانہ ياد پيم

ڇا تہ هُئي موج و مستي، ڇا تہ هُئي چاهت پنهنجي
ڪيئن نہ ٿيا پنهنجا مخالف ۽ بيگانہ ياد پيم

ڪيئن نہ تون وڙهندو هُئين، ڪيئن نہ تون رُسندو هئين
تنهنجا ماڻا، منهنجون منٿون عاجزانہ ياد پيم

راتيون راهن ۾ گذريون اُون ۽ انتظار ۾
جن تان ايندو هئين ڪري هر هر بهانا ياد پيم

داستانِ دل ٻڌائي ڇا پلا ڪهڙي "سليم"
ٿيا مڙئي شاهد هتي، دانا ديوانا ياد پيم

لاتُم جو تو سان ناتو سو نينهن نياڻيندس
سپ سُور سهي صدمان، پيو پاڻ ملهائيندس

هن دشتِ جُنون ۾ ڇو تو سات ڇڏيو منهنجو
تو ڏي تہ ڪيو وعدو ائين ڪين رُلائيندس

تنهنجي ڏي سهاري ٿو هن جيون کي گهاريان
اُميد اٿم ايندين، پل پل پيو پچائيندس

مون سوزِ تمنا ۾ هُئي ڳالهه وصلُ جي ڪئي
تون حِجر ڏيندين مُرڪي تہ به اکيين لاڻيندس

احوال ڪيم دل جو تون ٻڌندي خفا ٿي وئين
گستاخي ٿئي هيءَ معاف، ٻيهر نہ ٻُڌائيندس

ڏسي حال "سليم" جو اچي قرب وندييو مون سان
لاهي تہ نہ سگهبا پر ڳڻ روز پيو ڳائيندس

ڪٽان آٽيان اوهان جي واسطي آرام اي دلڙي
ڪري ڪوشش ٿيو آهيان مگر ناڪام اي دلڙي

سجائي من اندر مُورت هميشہ جن کي پوڄيوسين
انهن ئي بت پرستيءَ جو ڏنو الزام اي دلڙي

ٻڌائي داستان دل جا ٻئي هڪ ٿي رُنا هئاسين
نٽا وسرن اُهي لمحا صبح ۽ شام اي دلڙي

آهيان مجبور محبت ۾ نہ ٿو ڪو وَسُ هلي منهنجو
ٿيو آهي اندر برپا منهنجي ماتام اي دلڙي

مدهوشيءَ ۾ سيئي وسريو مگر وسريو نہ تنهنجو خيال
رهيو جوشِ جُنون ۾ ياد فقط تو نام اي دلڙي

روئي راتيون ڪٽيم ساريون، نہ هڪ پل هو صبر جن لئہ
انهن خط ۾ رقيبن لئہ لکيا سلام اي دلڙي

سدائين سوز ۽ سڪ ۾ "سليم" سارين سڃڻن کي
وَصل وارو مليو تن کي پرين پيغام اي دلڙي

هيءَ تہ منهنجي تقدير هئي
يا اڻپوري تحرير هئي

ڪوريئڙي جي ڇار ۾ ڏُنڌلي
ڇو لڳي تصوير هئي

جان جي عيوض دل گهران ٿو
هي تہ ٻُڌل تڪبير هئي

محبت ۾ هُو پاڻ مري ويو
بي ڏوهي شمشير هئي

قابو پانيان پاڻ کي ايڏو
جڪڙيل جڙ زنجير هئي

مون کي عطا ٿي روزِ ازل کان
دردن جي جاگير هئي

ڪم نہ آئي تنهنجي "سليم"
جوڙيل جا تدبير هئي

دل جون ڳالهيون دل ۾ ئي رهجي ويون
ڪين پڇيون تو ڪڍهن، نہ مون ڇيون

ٿيون ملاقاتيون وڏيون پر ڇا ڇوان ۽
سلڻ جهڙيون سڪ ۾ پلنديون رهيون

سامهون تنهنجي ڪين ڪي آڻون ڇئي سگهيس
وڃڻ کانپوءِ پاڻ سان پئي مون ڪيون

هر نشست دل نشين ۾ بي مثال
ڳالهيون ساڳيون لڳيون نِت نيون

حالتِ وَجدان جو ساڻي هو پر
پاڻ ئي مون تهمتون مُرڪي ڪنيون

سڀ تمنائون رُڻل، هُن کي ڏسي
هڪئي ٻڌيان پاڻهي پرچي پيون

ڪيئن ڇوان ڪيڏيون هُيون مشڪل "سليم"
ٿيون ڏنگيون واٽون سفر سمجهيم سنيون

مون دل تہ ڏني ڪلندي بي دل جي خبر بي دل ڪان پڇو
آسان تہ هئي آسان مگر مشڪل جي خبر مشڪل ڪان پڇو

هن راهِ محبت جون راهون، دشوار ٿو سمجهي ساڻي سفر
جي ساڻ ڇڏي ڏئي همراهي، منزل جي خبر منزل ڪان پڇو

مون آهَ ڪئي هن مون کي ڏٺو مون عرض ڪيو هُن مون کي ڇيو
هت اهلِ صُفا ٿا ڪن آزيون، غافل جي خبر غافل ڪان پڇو

آباد گلستان ٿيو آهي، ڇو نام نوابي نسبت سان
گل خار بهارون ٿيون تابع، بلبل جي خبر بلبل ڪان پڇو

خود ناز و ادا تي من موهي، ٿئين خاڪ مثل پروانن جيان
تو موت قبوليو قربت ۾، قاتل جي خبر قاتل ڪان پڇو

ٿي ڪاڪ سموري سُڄ آهي، سوڍي ڪانسواءِ گلَ ڪومايا
راڻي جي خبر راڻي ڪان پئي، مومل جي خبر مومل ڪان پڇو

مشڪور آهيان آئون ڪشتيءَ جو جنهن پار پهچايو مون کي "سليم"
قطرو تہ سمنڊ ۾ ٿي ويو سمنڊ، ساحل جي خبر ساحل ڪان پڇو

اڄ جهل نہ ساقي پيئڻ ڏي پري پري
وري ڪونہ اچبو اوهان ڏي ڏري ڏري

غمن ڇُور ڪيڙس، دُکن دور ڪيڙس
اچي پيش پيئڙس، اوهان جي ڪري ڪري

ٽيل پُر نگاهون، تکيون تيز آهون
ٻڌي دوست دانهون، مَنَ ڏيان ڏري ڏري

پري جام پيئندس، تنهنجي نام جيئندس
وري ڪونہ ٽيئندس، پيرن پري پري

چُمي رک هٿن سان، گُلابي چَپن سان
اُهي پيالا من سان، تن من ڏري ڏري

فقط توکي چاهيان، ٻئي ڪنهن جو ناهيان
تنهنجو يار آهيان، کوڙي کَري کَري

در ڪين ڇڏبو صبح شام اچبو
ڪنهن کي ڪِين ڇئبو دل ٽي مري مري

"سليم" رهي ڪيئن، ڇڏ جيئن ـ پلا تيئن
سڳا تنهنجي جيئن نہ ساعت سَري سَري

آباد شل هجن هي محبت سندا مئخانا
پيارج هٿن سان پيهم پرتئون پري پيمانات

بزمِ رندان جون رمزون پير مُغان پُڌايون
سَکَٹو ڇا سمجهي سگهندو اِسرار عاشقانا

اي محتسب اوهان جا سپ فلسفا فرسوده
منهنجي پلئہ نہ پيئڻا هي نڪتا ناصحانہ

تنهنجي اکين مان اوتي جنهن هي شراب پيتو
سو هوش ۾ ڪيئن ايندو منهنجا اي جانِ جانان

رکجان پَرم تون منهنجو ساقيءِ روز محشر
جي لوڪ کان لڪائي ڪيم عرضَ عاجزانا

"سليم" معاف مڙئي ڪندو هو سپ خطائون
آهي لڳل هي هر دم اميد عاصيانہ

اڄ نيٺ وڃي نڪتس، دلدار جي نگر ۾
جنهن لاءِ سَنيون سوين مون صعوبتون سفر ۾

دروازا ڪري بند تي درين مان ڏٺائين
هڪ پل به رحم آيو صفا نہ ستمگر ۾

منهنجي اڇڻ تي ڪاوڙ ڪيڏي نہ پئي ڪيائين
چا تي پويس ها جي ويهاري مون کي پر ۾

موهي وڏو هو من کي هُن بيوفا جي بستي
ڪيڏا نہ محبتي هٿا ماٺهو مڙئي شهر ۾

هڪ ڏينهن ضرور ملندو ثابت ثمر "سليم"
سالن کان رکيم سانڍي سڪ سوز جا اندر ۾

هڪ دوست هو هڪ دلربا جنهن تي ڪيو مون اعتبار
ويو ڏئي مون کي سزا منهنجو ڪسي هُو اختيار

روز و شب مون سان رهيو ٿي همنشين ۽ همسفر
پر حال دل جي ۾ هئو هُن جو پيو ڪو رازدار

دعويٰ ڪيائين پيار جي ۽ پيار پي مون کي ڏنئين
پوءِ ڇو رقيبن سان ملي، مون کي ڪيائين داغدار

چشم نَم پنهنجون ڪري، مون کي چيائين رک يقين
تنهنجَو آهيان، تنهنجو رهندس، توکي ڪندس نہ اشکبار

هُن جي وفا تي اي "سليم"، ڪيڏو نہ مون کي ناز هو
جنهن کي قرار ٿي سمجهيم، سو اڄ ڪري ويو بيقرار

قاصد وڃي اسان جي دلدار کي هي چئجان
آهيون اوهان سهاري منٺار کي هي چئجان

آهيون اڃا اتي ئي تو هو ڇڏيو جتي ئي،
نہ ڪي ٿا نهاريون ٻئي پار کي هي چئجان

توريءَ سري نہ ساعت، پيارا پرين اسان جي
هٿڙا ٻڌي سونهن جي، سرڪار کي هي چئجان

واعدن تي تنهنجي آهي، مون کي اڃان يقين
ٽوڙين متان اسان جي، اعتبار کي هي چئجان

آهيان خطا جو پتلو مون ڏي مڙئي ميارون
نازڪ نظر ڪجو ڪا، ڪلتار کي هي چئجان

شام و صبح عرض آ، جانِ "سليم" دل سان
من ڪا ٻڌي اچن هُو پڪار کي هي چئجان

ڏيان ڏک ڏوراپو ڪهڙو ڏيرن کي آئون
نہ ٿيا مائٽ مُئيءَ جا ڇوري ڪري ڇِنائون

وساريان نہ وَرُ اديون
لڌيم جنهن سان لانئون

ڏکيا پيچرا پنڌ ٿيا
نہ واقف مون راهون

رلان پيئي رَندن ۾
ڪريو درد دانهون

پڪاريندیس پنهونءَ کي
کٽي ٻيئي ٻانهون

روئي ڪنديس سڀ بيان
جبل تنهنجون جفائون

ڪُڇن ڪيئن اُٺ ڀلا
ٻُوٽي ٻوڪا ٻڌائون

"سليم" ڪيئن سمجهي
ساٿين سوجهيل صلاحون


كافيون

هڪ حرف الستي رڻجي ويو
ٻيو خوف خطر سپ گهڻجي ويو

عشق عطا ڪيو درد دوامي
نہ ڪوئي خاص نہ ڪوئي عامي
سڪ سڄڻ ۾ سڻجي ويو

مندر مسجد هوتن حُجرو
ڪير ڄاڻي هت شان ۽ شجرو
نام نسب ننگ لڄجي ويو

ساڻي سرير سوغات ڏنائون
ماري من ڪي مات ڏنائون
وهم وصالي مڙجي ويو

دين ڌرم جا ناتا توڙي
حد لاحد ۾ جايون جوڙي
پوءِ پوريل در پڄجي ويو

فڪر فنا جي رمز ڪي ڄاڻين
صورت صاحب جي "سليم" سڃاڻين
هڪ سان هڪ ٿي، وڃجي ويو

ڏسو تہ رنگيءَ رنگ آ لايو،
هر صورت ۾ پاڻ سمايو.

نفي اثباتي راز نيارا،
لاالٰه جا سمجهه اشارا،
پنڌ اهو آهي سڃايو.

ڪُن فَيَڪون جڏهن جوڙيائين،
صورت پنهنجي پاڻ ڏٺائين،
راڻل آهي رنگ رچايو.

وحدت ڪثرت ڳالهه هڪوئي،
هر هنڌ هر جاءِ ساڳيو سوئي،
ويس مٽائي مولیٰ آيو.

وَنحَن اَقرب واري وائي،
ڪِين وسارج ست سوائي،
هر هنڌ هوتَ پَسايو.

فَاذڪرونَي اَذڪرڪُم جا
سبق سوايا پڙهه تون تکيرا،
آهي "بچاڻيءَ" جو هي رايو.

عشق ڪيو، بي حجاب
گلين گهٽين ۾ ٽينهن نچايو

مسئلي مسائل کان ٽيا فارغ
دؤر دنيا جي کان ٽيا تارڪ
درد رکن بي حساب
سورن جو پڙهي سبق سوايو

هر هنڌ ثابت ذات اِها ئي
عين ۾ غين ۾ فرقِ ٻيائي
پائي نوري نقاب
هر صورت ۾ صاف سمايو

مُلان، عالم، واعظ، پنڊت
ڪهڙي ڪريو تا روز نصيحت
ڪهڙو تن تي عتاب
جن کي آهي نازَ ـ نمايو

وحدت وارا وعده نيائي
نفس پنهنجي کي ماري مجائي
مَنُ ڪري محراب
ڪينو ڪيڙي تن قرب ڪمايو

مُو توُ قِبُلَلَ قول سنياري
پهتا پَرين پاڻ وساري
تَرڪ ڪري اسباب
رکن "سليم" سڪ سرمايو

تو بن منهنجي حيات اڌوري
ڏينهن اڌورو رات اڌوري

مُدت کانپوءِ ٿياسين مُلاقي
جان جسم جيئن فرق نہ باقي
هاءِ مگر ٿي بات اڌوري

تنها ڏينهن ٿو سارو گذاريان
راتيون روئي توکي سنياريان
ريءَ پسڻ پرپات اڌوري

تِن، من، ڌن سپ توتي واريم
مُهٽي مورت من ۾ وهاريم
پوءِ به طلب ۾ تات اڌوري

درد اوهان جو دل ۾ پالي
جيون ارپي تنهنجي نالي
کيئن نہ کٹي مون ذات اڌوري

پيار ڪري مون پُور پرايو
مليو "سليم" کي سور سَوايو
سڄڻ ڏني سوغات اڌوري

خدا جا نہ ٹیاسین، نہ دنیا جا ٹیاسین،
خبر ناھي ڪھڙي خفي ۾ پیاسین.

ھئڻ ھوڏ ھستي نہ سگھیس مٹائي،
فقط نفس نادان سان ناتو نیائي،
انھيءَ خیال خاطر رندن سان رُلیاسین.

نہ دنیا ۾ دل ٽي لڳي منھنجي یارو
مرڻ لاءِ طبیعت ۾ ٽئي ٽو مُنجھارو
نہ ڪي عاقبت ڪا سنواري سگھیاسین.

نہ آھي آخرت جو اندر ۾ ڪو اونُو
نہ ڪي یاد خوف قبر جو ڪونُو
وھي وقت سارا وڃائي ڇڏیاسین.

ڪندو معاف مونکي مڙئي خطائون،
آھي آس، سُڻندو ھُو سائین صدائون،
سھاري "سلیم" جنھن جي عاصي بنیاسین.

تنهنجي محبت ۾ دل ماندي وو يار
ناهي وار ۽ هڪ ڪو واندي وو يار

تنهنجو جلوو جوت جمال ڏسي
متي ڪوجهن قرب ڪمال ڏسي
تي حيرت مون هيڪاندي وو يار

هي جان جسم سڀ گهوري ڇڏيان
هڙئي حال اندر جا اوري ڇڏيان
جي ويهن سڄڻ سيراندي وو يار

تنهنجي ياد ۾ صبر و قرار ويو
وڃي سُرت سموري اختيار ويو
ڪيو خوابن خيالن باندي وو يار

خوشبخت "سليم" سنيئي سڏجن
سدا هوت حُضوري روح رَلجن
جن حاصل پرين پيراندي وو يار

پُڌي .من ورن منهنجون پيارا پڪارون
طالب تات تَن ۾ جنهن جون تنوارون

لکيو جيڪو قسمت اُتيو روز پاريان
الستي ازل جا سنيها تي ساريان
سهي ڪين سگهنديس محبن ميارون

ڳٽيان ڳالهيون ڳڻ ڳَلن ڳوڙها ڳاڙي
ساجن سندي سڪ سينو تي ساڙي
هر ويل آهَن پَرين پچارون

نڪريو نهاريان صبح شام راهون
ٽڪن ڪين ٽيون۔ هي نماٽيون نگاهون
اُتندي ۽ وهندي سڃڻن سنيارون

"سليم" تہ وس "تيو آهي اوهانجي
تري ۽ تڳي تو تُهن توهانجي
هٿايو متان ناز نوري نهارون

نہ ملیو اسان کي ڪوئي همسفر آ
اي زمين، آسمان، هي اوهان کي خبر آ

لُٽايم جواني انهيءَ رنگ و بُو ۾
وساريم دنيا کي جنهن جي جستجو ۾
نہ حاصل ڪري پوءِ بہ سگهيس انهي کي
هي ڪهڙي خطا ٿي مون کان پُر خطر آ

ڪري ڪارسازي عبارت کي جوڙيم
پڙهي سڀ پنا پوءِ محبت جا موڙيم
جنون جي جهان جي جڏهن بستي وياسين
سواءِ تو نہ آيو ڪو مونکي نظر آ

هي سوچون ۽ سپنا اڌوريون وفائون
هي وحشت جا لمحا سراسر سزائون
اڪيلو بہ رهندي نہ تنها ٿيس مان
تصور توهان جو ئي شام و سحر آ

فريبي دنيا جا حَسين هي نظارا
هي دلڪش ۽ پُرڪَش "سليم" سهارا
ڪٽي توکي ڳوليان ڪٽي مون کي ملندين
هي ڏَسُ ڏي وسايو تو ڪهڙو نگر آ

تنهنجا پير چمان پيزار ۽ چُمان
لب لال پئي رُخسار چُمان

جهڙو آهين حسين تهڙو آهين سٽو
جهڙو آهين نفيس تهڙو آهين مٽو
جنهن کي دل ٻئي اکين سان مون آهي ڏٺو
سو من موهن منڌار چُمان

جنهن جي سوز ۾ سڪ ۾ سُرور مليو
نئون درد دل دستور مليو
جيڪي به مليو پُر نُور مليو
اهڙي محبت جا معيار چُمان

جنهن جا ناز عجب انداز عجب
جنهن جون روح رهاڻيون راز عجب
تن من ۾ پُري آواز عجب
تنهنجي گوهر گل گفتار چُمان

پئي نيٺ نشيلا ٿم ديده
گل ماڪ جيان ٿيا پاڪيده
جي رُخ تي ٿهن ٿا خم ديده
سي گهاتا گهٽيرا وار چُمان

هئي بيهڪ بدن جي توبه شڪن
جنهن تي ريشم اطلس خوب ٿهن
جيڪي ساهه "سليم" سان ٿا رهن
اُنهي لوڪ لِڪائي ڏار چُمان

تو بن منهنجي حيات اڏوري
ڏينهن اڏورو رات اڏوري

مُدت کانپوءِ ٿياسي مُلاقي
جان جسم جيئن فرق نہ باقي
هاءِ مگر ٿي بات اڏوري

تنها ڏينهن ٿو سارو گذاريان
راتيون روئي توکي سنيهاريان
ريءَ پسڻ پرڀات اڏوري

تن من ڏن سپ توتي واريم
مُهٽي مُورت من مٿ وهاريم
پوءِ به طلب ۽ تات اڏوري

درد اوهان جو دل مٿ پالي
جيون اڻپي تنهنجي نالي
ڪيئن نہ ڪئي مون ذات اڏوري

پيار ڪري مون پُور پرايو
مليو "سليم" کي سُور سَوايو
سڃڻ ڏني سوغات اڏوري

ڳٽيان دوستن، جا ستم، ڪهڙا ڪهڙا،
مليا مُرڪي مون سان صنم، ڪهڙا ڪهڙا.

وفائن جي عيوض جفائون ڪري ويا،
رکي دل ۾ ڪيئن دغائون ڪري ويا،
پڄي پور تي پيا پرم ڪهڙا ڪهڙا.

ڏکن ۾ سکن جا ساٿي سڏائي،
ويا منهن مشڪل ۾ مورنهون مٽائي،
ڪنيا ٽي هنن ڪئين قسم ڪهڙا ڪهڙا.

حيا ۽ شرم ويو هتان موڪلائي،
وڳا ويس لالچ جا تن تي سجائي،
ڪامن شب و روز جسم ڪهڙا ڪهڙا.

خدا ڪائسواءِ ناهي "سليم" سهارو
سو ئي سپ ڪان آ سائين سڳهارو
ڪري ڪوجهڙن تي ڪرم ڪهڙا ڪهڙا.

وري دل چوي ٿي ڪنهن سان دل لڳايون،
سُتل سور ساڳيا نئين سر جاڳايون.

وٽي عشق محبت جو پاسو پُراڻون،
نئون محب ماڻي ڪو ٺاهيون ٺڪاڻون،
وري قرب واريون ڪچهريون ڪوٺايون.

وري شوق ساڳيو وري ذوق ساڳيو
جڏبي جُنون جو وري جوش جاڳيو
نوان پيچ پائي نئون نينهن نڀايون.

وري ويهي ڪنهن جون ڪجن انتظاريون،
شب و روز ڪاٽيون برهه بيقراريون،
وري پاند پِريَنَ لاءِ روئي پُسايون.

نوان ناز انداز قاتل ادائون،
سهان سر تي صدمان ۽ جور و جفائون،
ٺريل منَ ۾ ٻيهر ڪي ياهيون دُکايون.

مڃون ٿا محبت آ آزار دل جو
گڏوگڏ وَسائي ٿي سنسار دل جو
اچو سينو ساهي "سليم" پير پايون.

اسان سان نہ ڪر تون منا يار ماڻا
اسين آهيون در تي اوهان جي وِڪاڻا

خوشيءَ سان قبوليم اوهان جي غلامي
صبح شام تنهنجي حُسن جا سلامي
ڏڪارين متان تون هي نوڪر نماڻا

وساريان نہ وسرن هو قرين جون ڪاتيون
اچن ياد هَر هر هُو رنگين راتيون
اُهي رنج رُساما رِهاڻيون. اي راڻا

ڏٺئي سُور سختيون صدما سزائون
مگر دل ڪيون توکي دم دَم دعائون
سدا خوش هجين شال موتين جا داڻا

رکي نينهن ناتو متان تون وسارين
جڏن کي جياري وري محب مارين
نيائج تون ناتا نوان ۽ پُراڻا

آهي ڪم ظرف هي ظالم زمانو
ٿو مشڪل ۾ سپ ڪو-بنائي بهانو
هت وڏ رهن ٿا "سليم" کان سياڻا

شب و روز هڪ ٻئي سان ملندا هئاسين
ڏئي ٿهڪ ڏاڍا پيا کلندا هئاسين

خبر نہ آهي ڪنهن جي نظر آ لڳي وئي
اوهان جي اسان تان اُها دل ڪڍي وئي
اڪيلا ائين ٿي نہ گهمندا هئاسين

ڪريان ڪنهن سان هاڻي ادا عاشقانا
اجايا سجايا بنائي بهانا
ڪڏهن پاڻهي پرچي پيا رُسندا هئاسين

وساريان نہ وسرن اُهي رس رهاڻيون
اُهي قرب وارا قصا ۽ ڪهاڻيون
ويهي گڏ گوڏي پيا ٻڌندا هئاسين

اٽئي ياد وعدا يا ڇڏيئي وساري
صبح شام توکي "سليم" اڄ به ساري
جيون پيا اجا جن لاءِ مرندا هئاسين

منهنجي يار جانيءَ جي ادا ئي عجيب آ
ڪڏهن شور شوخي ڪڏهن ڪجهه قريب آ

ڪڏهن حال دل جا اڇيو مون سان اوري
ڪڏهن گهُنڊ گهاتا وڃهيو مون کي گهُوري
قبولي ڇيو دل ته هُو ئي حبيب آ

ڪڏهن ٿئي سنجيده ڪڏهن ڪِل ۾ ڪيرو
قسم آ خُدا جو ناسي من جو ميرو
طبيعت تکي هوندي دل جو غريب آ

پياري پرت جون صبح شام وَٽيون
ڪَڏهن زخم تازن اڇيو کولي پٽيون
منهنجي من جو محرم ۽ تن جو طبيب آ

ڪڏهن پيو رُلائي ڪڏهن پيو ڪلائي
ڪڏهن ڪوڏ مَان پيو هُو منهنجو سڏائي
ته بس پوءِ "سليم" وڏو خوشنصيب آ

اسان نينهن وارن جو مسلڪ نيارو،
عبادت حُسن جي ڪرڻن ڏينهن سارو.

نہ مندر نہ مسجد نہ گرجا ٽڪاڻون،
تسبيح مصلي مان هرگز نہ جاڻون،
اسان محبتين لاءِ مذهب مونجهارو.

جوئي دَم غافل سوئي دَمُ ڪافر،
سدا ياد رهندو سبق هي سراسر،
سواءِ جنهن جي ناهي ڪا ساعت سهارو.

وسي صاف سيني ۾ ذاتِ مطلق،
"سليم" رکون تنهن سان، *تَهتان تعلق،
جنهن دوست دلبر جو هر هنڌ نظارو.

---

* تهتان = ٽڪرو

ڪيو هو تو وعدو روز ملڻ جو
وساري ڇڏيئي ڇو عهد اڇڻ جو

خطا گر جي ٿي آ، اِها معاف ڪر تون
سڃڻ پنهنجو سينو صفا صاف ڪر تون
اچي ڏي سهارو تون جانب جيئڻ جو

ڪريان اِلتجائون، صبح شام آئون
تڪڙ ۾ وڃين ٿو ڪري ڇو ادائون
اثر ٿيو نہ تو تي، ڪو منهنجي ڇوڙ جو

شب و روز توکي، سَندمُ دل ٿي ساري
تنهنجي ٻيرُخيءَ تي، هنجون وينِ هاري
قدر ڪونہ ڪيڙئي، اسان جي روئڻ جو

اوهان جي آ مرضي اسين يار ڇا آهيون
منا تنهنجي محبت جي لائق ئي نہ آهيون
رکان ڪيئن پلا حق ڏوراپي ڏيڻ جو

ڏئي پيار پهرين تو پنهنجو بنايو
خفا ٿي اسان کانپوءِ مُنهن تو مٽايو
اِهو سُور نہ آهي "سليم" سهڻ جو

راتيون تنها ڏينهن ڏنگن
هاءِ ڪنهن سان حال ڪجن

جن لاءِ جاڳي روز رُنم
شام صبح ٿي دعائون گهريم
تہ بہ ڏک ڏنا پيارن پنهنجن

تنهجي اچڻ جي آس هئي
من کي ڏاڍي پياس هئي
راهون تڪيون هر ويل اکين

خيال هئا يا عذاب هئا
ڪهڙا ڪهڙا خواب هئا
ننڊ ۾ وينءِ رت رُنن

جن تان ڪيم جند جان فدا
سي ئي رهن ٿا هاڻ خفا
تن وسري ويا واعدا ۽ وچن

جن جو آهيان تن جو رهندس
سور "سليم" پيو سيٽي سهندس
هو ڇا بہ ڪٽي مون کي سمجهن

سُتل کي ڇڏي ويا جاڙون ڪري جَت
رُلان ٿي رَندن ۾ هاريو مٿي رَت

جَتن ساڻ جيڏيون ڪهڙو لڳ لاڳاپو
ڏيان ڇا جو ڏاڍن ڏيرن کي ڏوراپو
لِکي لوح قلم ۾ قادر جا قسمت

عصر اُٺ اُٿاري ويا ڪيچ ڪاهي
اوطاقن ۾ اديون پکي پهر ناهي
فقط هُئي پنهونءَ سان نماڻيءَ جي نسبت

جهنگ، جهر، جبل، سڀ جهاڳي به ويندیس
انهي وَرَ لاءِ واٽون واڳي به ويندیس
ڏي ڪا هيڻي کي هادي هاڻ همت

سُڃون شهر سارو ٿي ڀنڀور ڀانيان
لاهي سانگو سرَ جو وڃي پنڌ پڄايان
هلي ڪين آڏو هوتن ساڻ حُجت

سلامت هُجي شل پنهون ڄام آري
ڪريان ساهه صدقو آئون واري واري
جيسين سرير ۾ آهي "سليم" سَت

اُڏامي هلون هل ڪنهن پار جاني
وسايون هلي نئون ڪو سنسار جاني

هُجون تون ۽ مان، جت هجي پيار پيارا
نوان سج ڪرڻا، نوان چنڊ تارا
نئين رات نئون ڏينهن نئون اقرار جاني

نڪي طعنا تُنڪا نہ تهمت لڳي ڪا
نہ حاسد نہ ويري نہ نفرت تڳي ڪا
نہ دولاب دوکو نہ اغيار جاني

وسي مينهن وانگي جتي روز محبت
پُسون پاڻ ٻئي پوءِ ڪري قول قربت
لاهي ميار من جو ٿيون نروار جاني

ٽُٽي دل نہ ڪنهن جي هُجن جت وفائون
چاهت ۾ چهڪن پوءِ معصوم ادائون
نہ سازش مڪر جي هجي چار جاني

هجي نياز نوڙت ۽ احساس مُروت
هجي اهلِ دل جو قدر ۽ ڪا قيمت
هلي بس دلين جو واپار جاني

اُٿي هاڻ تون، ٿو ڪرين دير چا لاءِ
"سنيم" چو تہ ڪُچندو هتي ڪير چا لاءِ
نہ پرواهہ ڪنهن جي تون ڪر يار جاني

تنهنجو ۽ منهنجو پيار صنم
سدائين رهي قائم، سدائين رهي دائم
نيايون سات جنم جنم

واعد وفا جا توڙ نيايون
پريت کي پورو پاڻ پچايون
جيسين رهي هي دم ۾ دم

چاهي دنيا روهَ رُلائي
سور ۽ صدما ڏيئي ستائي
سهندس سيئي تو ڪاڻ ستم

دل وارا دستور نرالا
محبت ۾ تا ڪن متوالا
صدقي پرين تان جان جسم

ڪين سهون هڪ ٻئي جي جدائي
شاهد سمجهي ساري خدائي
آءٌ ته ڪٽون هڪٻئي جو قسم

مرڻ جيئڻ سپ توسان آهي
سات "سليم" جو ڪنهن سان ناهي
ٻئي سان ٻلا منهنجو ڪهڙو ڪم

تو سواءِ ڪهڙي مون زندگاني-هاءِ جواني
ويا ختم شوق ٿي شاهاني-هاءِ جواني

ڪيئن نہ راتين جون راتيون گهمياسين
لاءِ ڪنهن جي گهٽين ۾ ڦِرياسين
ها مگر ناهي اڄ آساني-هاءِ جواني

وئي سفيدي اچي وار ڪارن
ماما چاچا چيو پنهنجن پيارن
ڪيئن مڃي سڀ هي دلڙي-ديواني هاءِ جواني

ڏينهن گرم ۾ تي تَن کي تپايم
سيءَ ۾ سينو کولي ٽي پڏايم
ڇا ته طاقت هئي جسماني-هاءِ جواني

ڪائڻ پيئڻ هو اٽڻ ۾ ويهڻ هو
موج مستي سڀو ڏينهن ملڻ هو
اڄ وسندي به مثل ويراني-هاءِ جواني

دل هئي دلبر هو عشق هو اثر هو
تڏهن ته سمورو رقيب شهر هو
تو بنا ڪيئن نپايان ياراني-هاءِ جواني

جوش جذبو همت هئي هٿن ۾
چڙ ته لوهه پريل هو لڳن ۾
هئي بدن ۾ درياءَ جي روانيِ-هاءِ جواني

وقت ويري ويو گذري سمورو
ڪا خبر ناهي ڪيئن ٽي ويو پورو
شل "سليم" ملي رمز روحاني-هاءِ جواني

هلي ٿي هرٽيءَ جهڙي چال
عمر آ جنهن جي سورنهن سال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جنهن جي اکڙين ۾ مون پيار ڏٺو، چڙ پريل خوب خُمار ڏٺو
جنهن جا پوڻر پرون ڪرپال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جنهن جا ڪارا ڪارا وار ڏٺم، گهنگهرو ۽ گهنڊي دار ڏٺم
هٿا ڪاريهر مثال، ڪٽي منهنجي دل وئي

ٿا ڏاڍو نهن ڪَن والا، نڪ نٽڙي، جهومر جهالا
وٽي ڳوري ڳچي ڪنمال، ڪٽي منهنجي دل وئي

ڏند موتين جهڙا داڻا، مون ڪلندي ڏٺا هٿا راڻا
هٿا مرجان مثل لب لال، ڪٽي منهنجي دل وئي

جڏهن ويس ڪري ٿي ڪارا، "سليم" ستجي ويا دل وارا
آهي واهه جو حُسن ڪمال، ڪٽي منهنجي دل وئي

پڇيو مون سپ سهڻن کان
دوستن ۽ دشمنن کان
هر درد مند دلين کان
ايندن ۽ ويندلن کان
آهي حسين کو اهڙو
يڪمشت ٿي ڇيو تن
ناهي حسين کو اهڙو

پڇيو مون جن بشر کان
بيخود ۽ بي خبر کان
ناز و ادا نظر کان
اهلِ سخن اکر کان
پنهنجي سموري تر کان
مسڪين اهلِ زر کان
پاڙي شهر ۽ گهر کان
پوڙهي جوان پسر کان
مستن ۽ پاڳلن کان
آهي حسين کو اهڙو
يڪمشت ٿي ڇيو تن
ناهي حسين کو اهڙو

پڇيو مون عالمن کان
صوفي ۽ سالڪن کان
زاهد ۽ عابدن کان
بڪشو بلند پُڏن کان
عيسيٰ جي راهبن کان
پوڄا جي سڀ بتن کان
موحد ملحد مؤمن کان
مدفون ٽيل رُوحن کان
درگاهه جي متولين کان
آهي حسين کو اهڙو
يڪمشت ٿي ڇيو تن
ناهي حسين کو اهڙو

پچيو مون هر موسم کان
مينهن جُهڙن آگم کان
جَهڪُن لُڪن گرم کان
سياري سانوڻ جي سم کان
سرءُ بهار بزم کان
بوندن جي رم ۽ جهم کان
روشن صبح و ڪرم کان
هر رات بي رحم کان
مڙئي رنگين رُتن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت ٿي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو

پچيو مون زندگيءَ کان
بيدار بندگيءَ کان
رنج و الم خوشيءَ کان
محبت ۽ بي رُخيءَ کان
دوستي ۽ دشمنيءَ کان
غلطي ۽ دُرستيءَ کان
دل، خيال ۽ خوديءَ کان
پنهنجي شعورَ ذيءَ کان
سُورن ڏکن سکن کان
آهي حسين ڪو اهڙو
يڪمشت ٿي چيو تن
ناهي حسين ڪو اهڙو

پڇيو مون عاشقن کان
محبوب مالڪن کان
مومل جي مامرن کان
راڻي جي راضپن کان
سسئيءَ جي ڏاکڻن کان
نوريءَ جي نازپن کان
ليلا جي عاجزين کان
مجنون جي معاملن کان
سهڻيءَ جي ڪُن گهڙن کان
آهي حسين کو اهڙو
يڪمشت ٿي چيو تن
ناهي حسين کو اهڙو

پڇيو مون ڪهڪشان کان
زمين و آسمان کان
ناسُوت جي نِهان کان
جَبروت جي جهان کان
لاهوت لامڪان کان
هاهُوت جي ڦُغان کان
قدرت جي ڪاروان کان
سليمر هر سمان کان
مطلب تہ تن ۽ من کان
آهي حسين کو اهڙو
يڪمشت ٿي چيو تن
ناهي حسين کو اهڙو

اسين درد دونهين ڏُکايو ويون پيا
ڏيئا نفرتن جا اُجهايو ويون پيا

ڪري قرب قائم رکجو سجائي
اُها، جيڪي محفل مچايو ويون پيا

منهنجا ڏک ڏوراپا ۽ محبت ميارون
سواءِ تنهنجي لوڪئون لڪايو ويون پيا

ڪيو ڪنهن به احسان ذري جو اسان تي
گهٽين ۽ ڳلين ۾ سو ڳايو وڃون پيا

نہ دعويٰ ڪئيسين نہ دعويٰ ڪريون ٿا
مگر حال سارو نيايو وڃون پيا

ڪٿن آ نہ ڪيڏي برهہ جي هي بازي
خبر هوندي هر هر لڳايو وڃون پيا

مخالف زمانو اگر ٽئي تہ ڇا ٿيو
سچي ڳالهہ ساري سُٽايو وڃون پيا

پلي ڪير سمجهي نہ سمجهي اسان کي
مگر ائين نہ سمجهو اجايو وڃون پيا

نہ ساڻي سفر ۾ نہ رهبر وسيلو
پتو پار پرين پڇايو وڃون پيا

نہ ڪينو نہ ڪُلفت، ڪُدورت نہ ڪائي
دليون دشمنن- سان ملايو وڃون پيا

محبت جي مئہ مان صبح شام پيئندي
نشا نينهن جَا سپ پڇايو وڃون پيا

فريب و مَڪر جا اُٽيل ڇار اُڏيڙي
قلعا ڪوٽ ڪوڙا ڪيرايو وڃون پيا

ڪٿي توکي ڳوليان هن انت و بحر ۾
اسين پاڻ پنهنجو وڃايو وڃون پيا

نہ عالم نہ فاضل، نہ عاقل ڪي آهيون
پڙهيل ۽ ٻڌل سي ٻڌايو وڃون پيا

ويهي ڪو مسافر اچي چار گهڙيون
تڏو طلب وارو وڃايو وڃون پيا

نہ خواهش ختم ٿي، نہ ڏؤ ٿيو اکين کي
تنهنجي سڪ ۾ ساهہ کي سڪايو وڃون پيا

عداوت رکيم ڪا، نہ جهيڙو ڪو جوٽيم
وهيو واپريو جو ڀُلايو وڃون پيا

ڪري نياز و نوڙت رُڻل سپ ريجهائي
ٻڌي هٿ ادب جا ملهايو وڃون پيا

هاڻي ڪوبہ مون کان خفا ڪونہ ٿيندو
پٽي پيار واري پڙهايو وڃون پيا

اڃا پنڌ پري ۽ سُجهي ڏُور منزل
هليا هڏ جيسين هلايو وڃون پيا

"سليم" سدائين هي ارمان رهندو
اجازت بنا موڪلايو وڃون پيا

وساريان جي نڪا وسرن، اُهي وينجهار ڪيڏانهن ويا
اُهي مانجهي مڙيئي مرد، مٽيادار ڪيڏانهن ويا

رکي ناتا نپايا جن، نہ سودا ڪيئون ضميرن جا
اُهي ساڻي اُهي سورهيہ، اُهي سردار ڪيڏانهن ويا

وهائي جن چڏيون ويرون، هئو موڙ مٿن مهڻو
اُهي ڪونڊر ويا ڪسجي، اُهي ڪنڊار ڪيڏانهن ويا

جاڳائي جوت جن جڳ ۾، اُهي رهبر اسان جا هئا
انهن عالمن اديبن جا ازم، افڪار ڪيڏانهن ويا

ننگن جون جن جهلي سامون، لٽيرن کي ٿي للڪاريو
دولهه دودا، جنگي جوڌا، اڻين آڌار ڪيڏانهن ويا

هيٺن کي جن ٿي هيسايو هئا ارڏا ۽ اڏينگ جي
اُهي ظالم اُهي جابر، اُهي مردار ڪيڏانهن ويا

عنايت شاهه صوفيءَ سان، فريبين ڪيو ڪيڏو دوکو
اُهي مردود منهن ڪارا، ملا مڪار ڪيڏانهن ويا

غريبن سان رکن رغبت، ڪن مسڪينن جي پوئواري
اُهي آڏيءَ ۽ مانجهيءَ ۾، يتيمن يار ڪيڏانهن ويا

صحافت کي ڪَيُن پيشو سماجيت کي سڏاڙڻ لاءِ
اهي مرد قلندر ڪُل قلمڪار ڪيڏانهن ويا

پُڏي مون هاڪ هستي هئي، هتي دارا سڪندر جي
اُها همت ۽ رکي حشمت، سپهه سالار ڪيڏانهن ويا

ڏيندا هئا جيءَ ۾ جايون، تڏي آئي به دشمن کي
ڪندا هئا معاف مُرڪي سي مٿا منڌار ڪيڏانهن ويا

ماريا ميدان مردن هئا، ڪُڏي جن ڪوڏ مان ڪاهي
شجاعت، شان، شمشيري، اُهي شهڪار ڪيڏانهن ويا

وڙهيا ٿي حق جي خاطر نہ سر خم ٿيا اڳيان باطل،
شهادت جا ماڻي رتبا هو سوليءَ سوار ڪيڏانهن ويا

ڪتابن ۾ رهيا محفوظ جن جا باب بيباڪي
رقم تاريخ ۾ تابان آهي اذڪار ڪيڏانهن ويا

ڪڏهن رحمان سان راغب، ڪڏهن شيطان سان شامل
ندامت جا ڳاڙي ڳوڙها، هو گنهگار ڪيڏانهن ويا

هدايت رُشد جون راهون، اچي ڏاهن ڏسيون ڏيهه ۾
قطب اولياءَ، ولي ڪامل، ڪل ئي ڪردار ڪيڏانهن ويا

پڌي پيٽن مٿي پٽيون، نہ ڪيئون آگاهہ عالم کي
تنگين آڏو نہ هٿ ڪنهن جي، آهي خوددار ڪيڏانهن ويا

ڪٽي ڳوليان آهي ڇهرا، جي مثل ماه و انجم هئا
آهي سينڌون اهي سرما، سورنهن سينگار ڪيڏانهن ويا

اچي پيريءَ ڏنو پاسو ۽ مستي موڪلائي وئي
اهو جوبن آها جواني، آهي جنسار ڪيڏانهن ويا

اڄا پي ڪي آهن جڳ ۾، هلي ٿي ڪاڻ جنهن دنيا
مگر ساري "سليم" جن کي، آهي دلدار ڪيڏانهن ويا

چوستا

چؤسنڌ

جڏهن ٽيس بيقرار ته پوءِ لکي ڇڏيم،
نه رهيو دل تي اختيار ته پوءِ لکي ڇڏيم،
ٻڌائڻ ته ڇاهيو تي سامهون "سليم"،
زبان کيو نه اظهار ته پوءِ لکي ڇڏيم.

❋

هر نقش دل تان متائي ڇڏيوسين،
فقط داغ تنهنجو سجَائي ڇڏيوسين،
ڪري ياد تنهنجيءَ سان آباد دنيا،
"سليم" پاڻ کي پوءِ پُلائي ڇڏيوسين.

❋

تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪيم،
اجايو دل کي سوگوار ڪيم،
ڏئي آڇت پُنهنجو پاڻ کي "سليم"،
هروپرو پئي انتظار ڪيم.

تو چيو هو تنهنجو آهيان، دل مگر مطمئن نہ ني،
تو صرف مان توکي چاهيان، دل مگر مطمئن نہ ٿي،
گفتگو حالانکہ هن جي ۾، صداقت هئي "سليم"،
بدگمان ايڏو بہ ناهيان، دل مگر مطمئن نہ ٿي.

❊

ڳالهہ دل جي اڃان ڪري نہ سگهيس،
روبرو تنهنجي عيان ڪري نہ سگهيس،
"ڪيڏو نہ توکي تو چاهي سليم"،
هي بہ جملا بہ بيان ڪري نہ سگهيس.

❊

پُڌي هي داستان منهنجو چو اشڪبار ٿيو؟
چڏي محفل سڄي هو مون سان همڪنار ٿيو،
جڏهن ڪو تعلق ئي نہ هو هُن سان "سليم"،
پوءِ پلا ايڏو چو هو بيقرار ٿيو.

❊

امن، پيار، محبت، اِهو ئي تا چاهيون،
عداوت نہ نفرت، اِهو ئي تا چاهيون،
ڪريون صاف ستري، "سليم" سماجيت،
سڀن ساڻ صُحبت، اِهو ئي تا چاهيون.

❊

نہ ڪرسي وزارت نہ صلاحڪاري ٿي گھرجي،
نہ جرنل ڪنھن ڪرنل جي ياري ٿي گھرجي،
اسين ساده سُودا "سليم" ڇا ڇاڻون،
اسان کي فقط سنڈ سُڪاري ٿي گھرجي.

❊

اِسان جي اوھان کي گذارش نماڻي،
ڪريو دير دلبر ٿا ڇو ڇاڻي واڻي،
مجوسين تہ مصروف آھيو اوھان پر،
ناھي ايڏو واندو "سليم بچاڻي❊".

❊

نہ ڪي غم خوشي ۽ نہ ڪو خواب خيال،
نہ ڪا ھوڏ هستي نہ ڪو مستي مال،
عذابن ۾ گھاري وڃي پار پھتس،
مگر واھہ جو گذريو "سليم" هي سال.

❊

. فائق جي فهم تي، جيڪي ٿيا فنا،
صَحُو قلب "سليم" چوي، ثابت ڪن ٿنا،
آئون انهن ڪنا، سبق سکي نہ سگهيس.

(سليم بچاڻي)

امرتا پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

١. امرتا غزل رنگ (شاعري) سنڌ جا مختلف شاعر مُلهه: 60.00

٢. ڪارون وس ڪيام (استاد محمد جمن جو فن ۽ شخصيت)
سوز هالائي مُلهه: 150.00

٣. امرتا فوزيه سومرو کي پيٽا (ختم ٿيل)

٤. نيٺ سجدي ۾ (شاعري) · ساحر راهو مُلهه: 80.00

٥. سوني ٻاگو (اوپيرا) علي دوست عاجز مُلهه: 40.00

ڪتاب گهرائڻ لاءِ:
امرتا پبليڪيشن، پي او باڪس نمبر 64،
G.P.O حيدرآباد.

معیاري چپائي لاءِ:
انتیل کمیونیکیشنز
9- ربي چیمبرس کورٹ روڈ، حیدر چوک حیدرآباد
فون: 721172

عشق عبادت (شاعري)

سليم بچاڻي

امرتا

پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ڀاڙي، کائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻَ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي کوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو کو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بولیءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)